وَمَآ اُبَرِّئُ نَفۡسِیۡ ۚ اِنَّ النَّفۡسَ لَاَمَّارَۃٌۢ بِالسُّوۡٓءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّیۡ ؕ اِنَّ رَبِّیۡ غَفُوۡرٌ رَّحِیۡمٌ ﴿۵۳﴾

(٥٣) مان پنهنجي نفس جي پاڪائيءَ جي دعويٰ نٿي ڪريان. انسان جو نفس ته برائي جي لاءِ ڏاڍو اڀاريندڙ آهي. (ان جي غلبي کان بچڻ سولو ناهي) سواءِ ان حالت جي جو منهنجي پروردگار پنهنجو رحم ڪري. بيشڪ منهنجو پروردگار وڏو بخشيندڙ ۽ وڏو رحم ڪندڙ آهي.

وَقَالَ الۡمَلِکُ ائۡتُوۡنِیۡ بِہٖۤ اَسۡتَخۡلِصۡہُ لِنَفۡسِیۡ ۚ فَلَمَّا کَلَّمَہٗ قَالَ اِنَّکَ الۡیَوۡمَ لَدَیۡنَا مَکِیۡنٌ اَمِیۡنٌ ﴿۵۴﴾

(٥٤) ۽ (وري) بادشاهه حڪم ڏنو ته يوسف کي مون وٽ وٺي اچو ته کيس خاص پنهنجي (ڪمن) لاءِ مقرر ڪيان. پوءِ جڏهن (هو آيو ۽) ڳالهه ٻولهه ڪيائين (تڏهن بادشاهه) چيو ته اڄ تون اسان جي نظر ۾ وڏي اقتدار (عزت ۽ پوزيشن) وارو ۽ امانتدار (سچو ۽ ايماندار) انسان آهين.

قَالَ اجۡعَلۡنِیۡ عَلٰی خَزَآئِنِ الۡاَرۡضِ ۚ اِنِّیۡ حَفِیۡظٌ عَلِیۡمٌ ﴿۵۵﴾

(٥٥) يوسف چيس ته مون کي ملڪ جي خزاني جي باري ۾ مختيار ڪري ڇڏ، جو مان حفاظت ڪري تو سگهان (۽ مان ايمانداريءَ سا خزانو سنڀاليندس ۽ ملڪ جي ڀلي لاءِ ڪم آڻيندس) ۽ مان هن ڪم جو ڄاڻندڙ آهيان (بادشاهه هن کي ملڪ جو مختيار ڪري ڇڏيو.

وَکَذٰلِکَ مَکَّنَّا لِیُوۡسُفَ فِی الۡاَرۡضِ ۚ یَتَبَوَّاُ مِنۡہَا حَیۡثُ یَشَآءُ ؕ نُصِیۡبُ بِرَحۡمَتِنَا مَنۡ نَّشَآءُ وَلَا نُضِیۡعُ اَجۡرَ الۡمُحۡسِنِیۡنَ ﴿۵۶﴾

(٥٦) ۽ (ڏسو) اهڙيءَ طرح اسان مصر جي سرزمين ۾ يوسف جا قدم ڄمايا جو جيڪا ئي جاءِ وڻيس تنهن کي پنهنجي مرضيءَ موجب رهڻ لاءِ ڪم آڻي. (اهڙيءَ طرح) اسان جنهن کي چاهيون ٿا تنهن کي پنهنجي رحمت سان نوازيون ٿا، ۽ نيڪ عمل ڪندڙن جو اجر ڪڏهن به ضايع نٿا ڪيون.

وَلَاَجۡرُ الۡاٰخِرَۃِ خَیۡرٌ لِّلَّذِیۡنَ اٰمَنُوۡا وَکَانُوۡا یَتَّقُوۡنَ ﴿۵۷﴾

(٥٧) ۽ جيڪي ماڻهو (الله تي) ايمان آڻين ۽ (بدعملين کان) بچندا رهن تن جي لاءِ ته آخرت جو اجر ان کان (يعني دنيائي دولت ۽ حڪمت کان) گهڻو بهتر آهي.

## رڪوع 8

## حضرت يوسف سان ڀائرن جو ملڻ

وَجَآءَ اِخۡوَۃُ یُوۡسُفَ فَدَخَلُوۡا عَلَیۡہِ فَعَرَفَہُمۡ وَہُمۡ لَہٗ مُنۡکِرُوۡنَ ﴿۵۸﴾

(٥٨) ۽ (ڏڪار جي ستن سالن بعد ڏڪار وارن سالن ۾ ڇا ٿيو جو) يوسف جا (وڏا) ڀائر (ڪنعان مان مصر ڏي اَنُ خريد ڪرڻ لاءِ) آيا. پوءِ ان جي روبرو ٿيا (ته) يوسف انهن کي (ڏسندي ئي) سڃاڻي ورتو، پر هنن ڪونه سڃاتو. (نڪي ڪين ڀڏايائين).

وَلَمَّا جَہَّزَہُمۡ بِجَہَازِہِمۡ قَالَ ائۡتُوۡنِیۡ بِاَخٍ لَّکُمۡ مِّنۡ اَبِیۡکُمۡ ۚ اَلَا تَرَوۡنَ اَنِّیۡۤ اُوۡفِی الۡکَیۡلَ وَاَنَا خَیۡرُ الۡمُنۡزِلِیۡنَ ﴿۵۹﴾

(٥٩) ۽ جڏهن يوسف انهن کي سامان (اناج وغيره) مهيا ڪيو تڏهن (سندن رواني ٿيڻ وقت) ڪين چيائين ته، وري اچو ته پنهنجي ويڳي ڀاءُ (بن يامين) کي به پاڻ سان وٺيو اچجو. توهان ڇڱيءَ طرح ڏٺو آهي ته مان پوري ماپ سان (ان توري) تو ڏيان ۽ (ٻاهرين مسافرن جي لاءِ) بهترين مهمان نواز آهيان.

فَاِنۡ لَّمۡ تَاۡتُوۡنِیۡ بِہٖ فَلَا کَیۡلَ لَکُمۡ عِنۡدِیۡ

(٦٠) پر جيڪڏهن توهان کيس مون وٽ نه آڻيندؤ ته، پوءِ ياد رکو ته

وَلَا تَقْرَبُوْنِ ۝٦٠

نکي مون وٽان اوهان کي (اناج جي) ڪجهه لپ ملندي، نکي منهنجي ويجهو ايندؤ (يعني اوهان کي رڳو پاڻ وٽ اچڻ به نه ڏيندس).

قَالُوْا سَنُرَاوِدُ عَنْهُ اَبَاهُ وَاِنَّا لَفٰعِلُوْنَ ۝٦١

(٦١) هنن چيو ته اسان سندس پيءُ کي انهيءَ لاءِ گهڻوئي ترغيب ڏينداسين (۽ ان جا فائدا ڏيکارينداسين). اسان ضرور ائين ڪنداسين.

وَقَالَ لِفِتْيٰنِهِ اجْعَلُوْا بِضَاعَتَهُمْ فِيْ رِحَالِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَعْرِفُوْنَهَآ اِذَا انْقَلَبُوْٓا اِلٰٓى اَهْلِهِمْ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ۝٦٢

(٦٢) ۽ يوسف پنهنجي خدمتگارن کي حڪم ڏنو ته انهن ماڻهن جي پونجي (يعني موڙي جنهن سان ان خريد ڪيو هئائون) سندن ٻورن ۾ رکي ڇڏيو. جڏهن اهي ماڻهو پنهنجي گهر ڏي موٽندا تڏهن گهڻو امڪان آهي ته پنهنجي پونجي ڏسي سڃاڻي وٺندا (ته موٽائي ڏني ويئي آهي) ۽ پوءِ عجب ناهي ته ٻيهر موٽي اچن.

فَلَمَّا رَجَعُوْٓا اِلٰٓى اَبِيْهِمْ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مُنِعَ مِنَّا الْكَيْلُ فَاَرْسِلْ مَعَنَآ اَخَانَا نَكْتَلْ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ ۝٦٣

(٦٣) پوءِ جڏهن اهي ماڻهو پنهنجي پيءُ وٽ موٽي ويا تڏهن ڪيس چيائون ته اسان جا بابا! آئينده لاءِ ان جو وڪرو اسان جي لاءِ بند ڪيو ويو آهي. تنهن ڪري اسان جي ڀاءُ (بن يامين) کي اسان سان گڏ موڪل ڏي ته ان خريد ڪري اچون ۽ اسان سندس حفاظت ڪندڙ آهيون.

قَالَ هَلْ اٰمَنُكُمْ عَلَيْهِ اِلَّا كَمَآ اَمِنْتُكُمْ عَلٰٓى اَخِيْهِ مِنْ قَبْلُ ۭ فَاللّٰهُ خَيْرٌ حٰفِظًا ۠ وَّهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ۝٦٤

(٦٤) پيءُ (اهو ٻڌي) چيو ته ڇا هن جي باري ۾ اهڙيءَ طرح اوهان تي اعتبار ڪريان جهڙيءَ طرح اڳي سندس ڀاءُ (يوسف) جي باري ۾ ڪري چڪو آهيان؟ سو الله ئي سيني کان بهتر حفاظت ڪندڙ آهي ۽ ڪو به ڪونهي جو ڪانئس وڌيڪ رحم ڪرڻ وارو هجي.

وَلَمَّا فَتَحُوْا مَتَاعَهُمْ وَجَدُوْا بِضَاعَتَهُمْ رُدَّتْ اِلَيْهِمْ ۭ قَالُوْا يٰٓاَبَانَا مَا نَبْغِيْ ۭ هٰذِهٖ بِضَاعَتُنَا رُدَّتْ اِلَيْنَا ۚ وَنَمِيْرُ اَهْلَنَا وَنَحْفَظُ اَخَانَا وَنَزْدَادُ كَيْلَ بَعِيْرٍ ۭ ذٰلِكَ كَيْلٌ يَّسِيْرٌ ۝٦٥

(٦٥) ۽ جڏهن انهن ماڻهن پنهنجو سامان کوليو تڏهن ڇا ڏسن ته سندن موڙي کين موٽائي ڏني ويئي آهي. سو (پيءُ کي) چيائون ته اي اسان جا بابا! هن کان وڌيڪ اسان کي ٻيو ڇا گهرجي؟ ڏس، هيءَ اسان جي پونجي آهي، جا اسان کي موٽائي ڏني ويئي آهي. (اسان کي هن ان به ڏنو ته قيمت به موٽائي ڏني. پوءِ اسان کي موڪل ڏي ته بن يامين کي پاڻ سان وٺي وري وڃون) ۽ پنهنجي ڪٽنب جي لاءِ سيڌو وٺي اچون اسان پنهنجي ڀاءُ جي حفاظت ڪنداسين ۽ هڪ اُٺ جو بار به وڌيڪ وٺنداسين. هي ان (جو هاڻي آندو اٿئون) بلڪل ٿورو آهي.

قَالَ لَنْ اُرْسِلَهٗ مَعَكُمْ حَتّٰى تُؤْتُوْنِ مَوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ لَتَاْتُنَّنِيْ بِهٖٓ اِلَّآ اَنْ يُّحَاطَ بِكُمْ ۚ فَلَمَّآ اٰتَوْهُ مَوْثِقَهُمْ قَالَ اللّٰهُ عَلٰي مَا نَقُوْلُ وَكِيْلٌ ۝٦٦

(٦٦) (حضرت يعقوب) چيو ته مان ڪڏهن به ڪيس توهان سان گڏ نه موڪليندس جيستائين توهان مون سان الله جي نالي ته عهد اقرار نه ڪندؤ. (توهان پهريائين عهد اقرار ڏيو ته) سواءِ هن صورت جي جو اسان پاڻ گهيري هيٺ اچي وڃون (۽ بيوس ٿي پئون) اسان ضرور هن کي تو وٽ موٽائي آڻينداسين. پوءِ جڏهن هنن پيءُ کي (سندس چوڻ مطابق) پنهنجو پڪو قول ڏنو تڏهن هن فرمايو ته اسان جيڪو قول ۽ اقرار ڪيو تنهن تي الله نگهبان هجي.

وَقَالَ يٰبَنِيَّ لَا تَدْخُلُوْا مِنْۢ بَابٍ وَّاحِدٍ وَّ
ادْخُلُوْا مِنْ اَبْوَابٍ مُّتَفَرِّقَةٍ ۭ وَمَآ اُغْنِيْ
عَنْكُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ۭ اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا
لِلّٰهِ ۭ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ ۚ وَعَلَيْهِ فَلْيَتَوَكَّلِ
الْمُتَوَكِّلُوْنَ ۝٦٧

(٦٧) ۽ پيءُ هنن کي (رواني ٿيڻ وقت) چيو ته، اي منهنجا پٽؤ! (ڏسو جڏهن مصر ۾ پهچو تڏهن شهر جي) هڪ ئي دوازي مان داخل نه ٿجو. جدا جدا دوروازن مان داخل ٿجو. مان توهان کي ڪنهن به اهڙيءَ ڳالهه کان بچائي نٿو سگهان جا الله جي حڪم سان ٿيڻي هجي. (پر پاڻ کي پنهنجي وس آهر سڀ تدبيرون ڪرڻ گهرجن) حڪومت فقط الله جي آهي. مان فقط مٿس ڀروسو رکيو آهي. ۽ اهوئي آهي جنهن تي سيني ڀروسو رکندڙن کي ڀروسو رکڻ گهرجي.

وَلَمَّا دَخَلُوْا مِنْ حَيْثُ اَمَرَهُمْ اَبُوْهُمْ ۭ مَا
كَانَ يُغْنِيْ عَنْهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ اِلَّا
حَاجَةً فِيْ نَفْسِ يَعْقُوْبَ قَضٰىهَا ۭ وَاِنَّهٗ
لَذُوْ عِلْمٍ لِّمَا عَلَّمْنٰهُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ
لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٦٨ ۧ

(٦٨) (پوءِ) جڏهن هي ماڻهو (مصر ۾) داخل ٿيا اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح پيءُ حڪم ڏنو هو تڏهن اها ڳالهه (يا نصيحت) الله جي (مشيت جي) مقابلي ۾ ڪجهه به ڪم اچڻ واري نه هئي. پر يعقوب جي دل ۾ هڪ خيال پيدا ٿيو هو جنهن مطابق هن اهو عمل ڪيو. (انسان جو فرض آهي پنهنجي ڪوشش ڪرڻ، پر نتيجو الله جي هٿ ۾ آهي) بيشڪ هو (حضرت يعقوب) علم وارو هو، جو اسان ئي (يعني الله تعاليٰ) هن کي علم ڏنو هو. پر اڪثر ماڻهو (هن ڳالهه جي حقيقت) نٿا ڄاڻن.

## رڪوع 9

### حضرت يوسف جي سڳي ڀاءُ بن يامين جي رهڻ جو بهانو نهي پوڻ

وَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰي يُوْسُفَ اٰوٰٓى اِلَيْهِ اَخَاهُ قَالَ
اِنِّىْٓ اَنَا اَخُوْكَ فَلَا تَبْتَىِٕسْ بِمَا كَانُوْا
يَعْمَلُوْنَ ۝٦٩

(٦٩) ۽ جڏهن اهي ماڻهو (يوسف جا ڀائر) يوسف وٽ پهتا تڏهن هن پنهنجي ڀاءُ (بن يامين) کي پاڻ وٽ ويهاريو (۽ رهايو) ۽ ڪيس (مخفي طرح) ٻڌايو ته مان تنهنجو ڀاءُ (يوسف) آهيان. سو جيڪا (بدهلت اهي ڀائر توسان) ڪندا رهاي آهن، تنهن تي غم نه ڪر (۽ خوش ٿي جو هاڻي زماني پلٽو کاڌو آهي.)

فَلَمَّا جَهَّزَهُمْ بِجَهَازِهِمْ جَعَلَ السِّقَايَةَ
فِيْ رَحْلِ اَخِيْهِ ثُمَّ اَذَّنَ مُؤَذِّنٌ اَيَّتُهَا
الْعِيْرُ اِنَّكُمْ لَسٰرِقُوْنَ ۝٧٠

(٧٠) پوءِ جڏهن يوسف انهن ماڻهن جو سامان (سندن رواني ٿيڻ لاءِ) مهيا ڪيو تڏهن پنهنجو (چانديءَ جو) پيالو (مخفي طرح) پنهنجي ڀاءُ بن يامين جي ٻوريءَ ۾ وجهي ڇڏيو، (انهيءَ لاءِ تي نشانيءَ طور وٽس رهي). پوءِ (چا ٿيو جو جڏهن اهي ماڻهو روانا ٿيا ۽ شاهي عملدارن ڏٺو ته فلاڻو پيالو آهي ئي ڪونه، تڏهن ڪين شڪ پيو ۽ سندن پنيان ويا، ۽) هڪ پڪاريندڙ (انهن جي پنيان) پڪاري چيو ته، اي قافلي وارؤ! (اتي بيهو). بيشڪ توهان چور آهيو. (پيو ڪو ماڻهو اتي ڪونه هو، جنهن ۾ شڪ پوين).

قَالُوْا وَاَقْبَلُوْا عَلَيْهِمْ مَّاذَا تَفْقِدُوْنَ ۝٧١

(٧١) اهي (ڀائر) پڪاريندڙ جي طرف متوجهه ٿيا، ۽ پڇيائون ته ڇا وڃايو اٿوَ؟

قَالُوْا نَفْقِدُ صُوَاعَ الْمَلِكِ وَلِمَنْ جَاۗءَ بِهٖ
حِمْلُ بَعِيْرٍ وَّاَنَا بِهٖ زَعِيْمٌ ۝٧٢

(٧٢) (شاهي نوڪرن) چيو ته اسان کي شاهي پيالو نٿو لڀي. جيڪو ئي اهو آڻي ڏئي تنهن کي اٺ جي بار جيترو (ان) انعام ملندو ۽ (انهن جي سردار چيو ته) مان ان ڳالهه جو ضامن آهيان (يعني انعام ڏيڻ جو).

قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ عَلِمْتُمْ مَّا جِئْنَا لِنُفْسِدَ فِي الْاَرْضِ وَمَا كُنَّا سٰرِقِيْنَ ﴿٧٣﴾

(٧٣) هنن (ڀائرن) چيو تہ، الله تو ڄاڻي تہ اسان هتي انهيءَ لاءِ ڪونہ آيا هئاسين تہ اچي ڪو فساد يا شرارت ڪريون ۽ هيءَ ڳالهہ توهان چڱيءَ طرح ڄاڻو ٿا (ڇو تہ اڳي بہ هڪ ڀيرو اسان هتي رهي ويا آهيون ۽ اسان جو اهو وڙ نہ هو جو چوري ڪريون.

قَالُوْا فَمَا جَزَآؤُهٗٓ اِنْ كُنْتُمْ كٰذِبِيْنَ ﴿٧٤﴾

(٧٤) (نوڪرن) چيو تہ چڱو، جيڪڏهن توهان ڪوڙا ثابت ٿيؤ تہ، پوءِ ٻڌايو تہ، چور جي سزا ڪهڙي هئڻ گهرجي؟

قَالُوْا جَزَآؤُهٗ مَنْ وُّجِدَ فِيْ رَحْلِهٖ فَهُوَ جَزَآؤُهٗ ؕ كَذٰلِكَ نَجْزِي الظّٰلِمِيْنَ ﴿٧٥﴾

(٧٥) هنن (ڀائرن) چيو تہ، چور جي سزا هيءَ ٿئي جو جنهن جي ٻوريءَ مان چوريءَ جو مال نڪري سوئي پاڻ پنهنجي سزا ٿئي، (يعني پنهنجي ڏوهہ جي بدلي ۾ ڪيس روڪي رکيو وڃي) اسان زيادتي ڪندڙن کي اهڙيءَ ئي طرح سزا ڏيندا آهيون.

فَبَدَاَ بِاَوْعِيَتِهِمْ قَبْلَ وِعَآءِ اَخِيْهِ ثُمَّ اسْتَخْرَجَهَا مِنْ وِّعَآءِ اَخِيْهِ ؕ كَذٰلِكَ كِدْنَا لِيُوْسُفَ ؕ مَا كَانَ لِيَاْخُذَ اَخَاهُ فِيْ دِيْنِ الْمَلِكِ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ؕ نَرْفَعُ دَرَجٰتٍ مَّنْ نَّشَآءُ ؕ وَفَوْقَ كُلِّ ذِيْ عِلْمٍ عَلِيْمٌ ﴿٧٦﴾

(٧٦) پوءِ (نوڪرن جي سردار) هنن جي ٻورن جي تلاشي شروع ڪئي. پهريائين يوسف جي وڏن ڀائرن جي ٻورن جي تلاشي ورتائون، (۽ ڪجهہ بہ نہ لڌائون) پوءِ يوسف جي ڀاءُ (بن يامين) جي ٻوري (ڏٺائون ۽ ان مان) اهو پيالو ڪڍي ورتائون (سو ڏسو تہ) اهڙيءَ طرح اسان (يعني الله تعاليٰ) يوسف جي لاءِ (بن يامين کي پاڻ وٽ رهائڻ جي) مخفي تدبير ڪري ڇڏي. هو (يوسف) بادشاهہ جي قانون سبب ائين ڪري نٿي سگهيو (تہ پنهنجي ڀاءُ کي پاڻ وٽ روڪي رهائي، اگرچہ ائين ڪرڻ لاءِ هن جي دل بيقرار هئي) سواءِ هن صورت جي جو الله کي (ان جي راهہ ڪڍڻ) منظور هجي (سو الله تعاليٰ غيبي تجويز ڪري راهہ ڪڍي ڏني) اسان (يعني الله تعاليٰ) جنهن کي چاهيون ٿا تنهن کي مرتبن ۾ بلند ڪري ڇڏيون ٿا ۽ هر علم واري جي مٿان هڪ (اعليٰ) علم واري هستي آهي (جنهن جو علم سيني کي گهيرو ڪيو بيٺو آهي، يعني الله جي هستي).

قَالُوْٓا اِنْ يَّسْرِقْ فَقَدْ سَرَقَ اَخٌ لَّهٗ مِنْ قَبْلُ ۚ فَاَسَرَّهَا يُوْسُفُ فِيْ نَفْسِهٖ وَلَمْ يُبْدِهَا لَهُمْ ۚ قَالَ اَنْتُمْ شَرٌّ مَّكَانًا ۚ وَاللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا تَصِفُوْنَ ﴿٧٧﴾

(٧٧) (جڏهن بن يامين جي ٻوريءَ مان پيالو نڪري آيو تڏهن) ڀائرن چيو تہ، (هن چوري ڪئي آهي تہ اها ڪا عجب جهڙي ڳالهہ ڪانهي). هن کان اڳي سندس سڳي ڀاءِ (يوسف) بہ چوري ڪئي هئي. تڏهن يوسف (جهن جي اڳيان هاڻي اهو معاملو پيش ڪيو ويو هو) اها ڳالهہ پنهنجي دل ۾ رکي، ۽ هنن لاءِ ظاهر نہ ڪيائين (تہ منهنجي منهن تي مون کي چور بنائي رهيا آهيو ۽ فقط ايترو) چيائين تہ سيني کان بري جڳهہ (يعني حالت) توهان جي ڇئبي (جو پنهنجي ڀاءُ تي ڪوڙو الزام لڳائي رهيا آهيو) ۽ جيڪي توهان بيان ڪري رهيا آهيو تنهن کي الله تعاليٰ بهتر ڄاڻيندڙ آهي.

قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ اِنَّ لَهٗٓ اَبًا شَيْخًا كَبِيْرًا

(٧٨) هنن (ڀائرن يوسف کي) چيو تہ، اي عزيز! هن (بن يامين) جو پيءُ

فَخُذْ اَحَدَنَا مَكَانَهٗ ۚ اِنَّا نَرٰىكَ مِنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٧٨﴾

تمام پوڙو ماڻهو آهي (۽ هن سان گهڻو پيار اٿس) سو سندس بدران سان مان ڪنهن کي بہ روڪي رک (پر) هن کي نہ روڪ). اسان ڏسون ٿا تہ توهان انهن ماڻهن منجهان آهيو جيڪي نيڪي ۽ احسان ڪندڙ آهن.

قَالَ مَعَاذَ اللّٰهِ اَنْ نَّاْخُذَ اِلَّا مَنْ وَّجَدْنَا مَتَاعَنَا عِنْدَهٗۤ ۙ اِنَّاۤ اِذًا لَّظٰلِمُوْنَ ﴿٧٩﴾

(٧٩) يوسف چيو تہ انهيءَ ڳالهہ کان الله جي پناهہ! جو اسان انهيءَ ماڻهو کي ڇڏيون، جنهن وٽان اسان جو سامان نڪتو، ۽ ٻئي ماڻهو کي پڪڙي رکون! جيڪڏهن ائين ڪيون تہ پوءِ تہ اسان ظالم ٿيندا سين.

## رڪوع 10

**حضرت يوسف جي ڀائرن تي راز کلي پوڻ تہ ساڻن مهرباني ڪرڻ وارو حاڪم سندن ڀاءُ آهي، انهن جي ندامت ۽ حضرت يوسف جو کين معاف ڪرڻ.**

فَلَمَّا اسْتَيْـَٔسُوْا مِنْهُ خَلَصُوْا نَجِيًّا ؕ قَالَ كَبِيْرُهُمْ اَلَمْ تَعْلَمُوْۤا اَنَّ اَبَاكُمْ قَدْ اَخَذَ عَلَيْكُمْ مَّوْثِقًا مِّنَ اللّٰهِ وَمِنْ قَبْلُ مَا فَرَّطْتُّمْ فِيْ يُوْسُفَ ۚ فَلَنْ اَبْرَحَ الْاَرْضَ حَتّٰى يَاْذَنَ لِيْۤ اَبِيْۤ اَوْ يَحْكُمَ اللّٰهُ لِيْ ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٠﴾

(٨٠) پوءِ جڏهن اهي، (ڀائر) يوسف کان نااميد ٿيا (تہ هو اسان جي اها ڳالهہ نہ مڃيندو) تڏهن مشوري (صلاح و مصلحت) ڪرڻ لاءِ (ڪنهن جاءِ تي) نويڪلا ويهي رهيا. انهن ۾ جيڪو وڏو (روبن نالي) هو تنهن چيو تہ توهان کي معلوم آهي تہ بابي (بن يامين جي باري ۾) الله کي شاهد ٺهرائي اوهان کان عهد ورتو هو ۽ ان کان اڳي يوسف جي معاملي ۾ اوهان وڏو قصور ڪري چڪا آهيو. تنهن ڪري مان تہ هاڻي هن ملڪ مان ڪو نہ نڪرندس، جيستائين ڪہ بابا پاڻ حڪم نہ ڏئي، يا وري الله تعاليٰ منهنجي لاءِ ڪو ٻيو فيصلو ڪري ۽ هو سڀني کان بهتر فيصلو ڪندڙ آهي.

اِرْجِعُوْۤا اِلٰۤى اَبِيْكُمْ فَقُوْلُوْا يٰۤاَبَانَاۤ اِنَّ ابْنَكَ سَرَقَ ۚ وَمَا شَهِدْنَاۤ اِلَّا بِمَا عَلِمْنَا وَمَا كُنَّا لِلْغَيْبِ حٰفِظِيْنَ ﴿٨١﴾

(٨١) توهان بابا ڏي موٽي وڃو ۽ کيس وڃي چئو تہ اي اسان جا بابا! (اسان ڇا ڪيون) تنهنجي پٽ (بن يامين پرائي ملڪ ۾) چوري ڪئي، جيڪا ڳالهہ اسان کي چڱيءَ طرح معلوم ٿي، اها ئي توکي اسان ٺيڪ ٺيڪ ٻڌائي آهي. اسان کو غيب جي ڳالهين جي خبر رکندڙ ڪو نہ هئاسين (جو اڳ ئي ڄاڻي ڇڏيون ها تہ بن يامين اهڙو ڪم ڪندو).

وَسْـَٔلِ الْقَرْيَةَ الَّتِيْ كُنَّا فِيْهَا وَالْعِيْرَ الَّتِيْۤ اَقْبَلْنَا فِيْهَا ؕ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ﴿٨٢﴾

(٨٢) ۽ (هي بہ ڪيس چئي ڏجو تہ) توهان انهي شهر جي ماڻهن کان پڇا ڪيو جتي اسان رهيا هئاسين، پڻ انهيءَ قافلي جي ماڻهن کان پڇا ڪيو جنهن ۾ اسان آيا آهيون. اسان (پنهنجي بيان ۾) بلڪل سچا آهيون.

قَالَ بَلْ سَوَّلَتْ لَكُمْ اَنْفُسُكُمْ اَمْرًا ؕ فَصَبْرٌ جَمِيْلٌ ؕ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّاْتِيَنِيْ بِهِمْ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ﴿٨٣﴾

(٨٣) (ڀائرن ائين ڪيو ۽ ڪنعان ۾ اچڻ سان اهي سڀ ڳالهيون پيءُ کي ٻڌايائون) هن (ٻڌي) چيو تہ نہ، هيءَ اهڙي ڳالهہ آهي جا اوهان جي نفس اوهان کي سمجهائي آهي (۽ سچي ڪري ڏيکاري آهي، پر بن يامين هرگز چوري ڪانہ ڪئي آهي.) خير! منهنجي لاءِ تہ صبر کان سواءِ ٻيو چاروئي ڪونهي، صبر تہ اهڙو جو سهڻو صبر هجي. الله (جي فضل) کان پري ناهي تہ هو (ڪنهن ڏينهن) انهن سڀني کي گڏ مون وٽ آڻي ڪڍي. اهو آهي جو (سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ ۽ (پنهنجي سڀني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

وَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰاَسَفٰى عَلٰى يُوْسُفَ وَابْيَضَّتْ عَيْنٰهُ مِنَ الْحُزْنِ فَهُوَ كَظِيْمٌ ﴿٨٤﴾

(٨٤) ۽ هن (يعني حضرت يعقوب) انهن ماڻهن کان منهن ڦيرائي ڇڏيو ۽ (جيئن ته هن نئين زخم اڳيئن زخم کي تازو ڪري وڌو تنهن ڪري) پڪار ڪيائين ته هاءِ يوسف جي فراق جو درد! ۽ غم جي شدت سبب (روئندي روئندي) سندس اکيون سفيد ٿي ويون ۽ سندس سينو غم سان ٽمٽار ٿي ويو.

قَالُوْا تَاللّٰهِ تَفْتَؤُا تَذْكُرُ يُوْسُفَ حَتّٰى تَكُوْنَ حَرَضًا اَوْ تَكُوْنَ مِنَ الْهٰلِكِيْنَ ﴿٨٥﴾

(٨٥) (ڀيءُ جو هي حال ڏسي پٽ) چوڻ لڳا ته، والله! تون هميشه يوسف جي يادگيريءَ ۾ لڳو رهندين تان جو (انهيءَ غم ۾) ڳري ڪنڌا ٿي وڃين يا مري وڃين.

قَالَ اِنَّمَآ اَشْكُوْا بَثِّيْ وَحُزْنِيْٓ اِلَى اللّٰهِ وَاَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٦﴾

(٨٦) پيءُ چيو ته، مان پنهنجي حاجت ۽ پنهنجو غم الله جي درگاهه ۾ پيش ٿو ڪيان (مان ڪو توهان جي شڪايت يا گلا ڪونه ٿو ڪيان) مون کي الله وٽان اها ڳالهه معلوم ٿي آهي جيڪا توهان کي معلوم ناهي.

يٰبَنِيَّ اذْهَبُوْا فَتَحَسَّسُوْا مِنْ يُّوْسُفَ وَاَخِيْهِ وَلَا تَايْـَٔسُوْا مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهٗ لَا يَايْـَٔسُ مِنْ رَّوْحِ اللّٰهِ اِلَّا الْقَوْمُ الْكٰفِرُوْنَ ﴿٨٧﴾

(٨٧) (وري چيائين ته) اي منهنجا فرزندؤ! (هڪ ڀيرو وري به مصر) وڃو ۽ يوسف ۽ سندس ڀاءُ جو پتو لهو. الله جي رحمت کان نااميد نه ٿيو، الله جي رحمت کان نااميد فقط اهي ماڻهو ٿين ٿا جيڪي منڪر آهن.

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلَيْهِ قَالُوْا يٰٓاَيُّهَا الْعَزِيْزُ مَسَّنَا وَاَهْلَنَا الضُّرُّ وَجِئْنَا بِبِضَاعَةٍ مُّزْجٰىةٍ فَاَوْفِ لَنَا الْكَيْلَ وَتَصَدَّقْ عَلَيْنَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَجْزِي الْمُتَصَدِّقِيْنَ ﴿٨٨﴾

(٨٨) پوءِ جڏهن (پيءُ جي حڪم جي تعميل ڪري اهي ماڻهو مصر پهتا ۽) يوسف وٽ ويا تڏهن (پنهنجي وري اچڻ جو سبب بيان ڪري) چيائون ته، اي عزيز! اسان ۽ اسان جي ڪٽنب جا ماڻهو تنگي ۽ سختيءَ جا ڏينهن گذاري رهيا آهيون، تنهن ڪري (مجبور ٿي اناج جي طلب ۾ وري نڪتا آهيون) اسان تمام ٿوري پونجي کڻي آيا آهيون، (اها قبول ڪر ۽ ان جي) پوري تور عنايت ڪر (يعني پئسا ٿورا وٺ، پر ان اوترو ئي ڏي) ۽ (اهو سودو واپار نه سمجهه پر) اسان کي (محتاج سمجهي) خيرات ڏي. الله تعاليٰ خيرات ڪندڙن کي ان جو وڏو اجر ٿو ڏئي.

قَالَ هَلْ عَلِمْتُمْ مَّا فَعَلْتُمْ بِيُوْسُفَ وَاَخِيْهِ اِذْ اَنْتُمْ جٰهِلُوْنَ ﴿٨٩﴾

(٨٩) (اهو حال ٻڌي يوسف جي دل ڀرجي آئي ۽) چيائين ته توهان کي ياد آهي ته توهان يوسف ۽ سندس ڀاءُ سان ڪهڙي هلت ڪئي هئي، جڏهن توهان کي ڄاڻ سڃاڻ ڪانه هئي؟

قَالُوْٓا ءَاِنَّكَ لَاَنْتَ يُوْسُفُ ؕ قَالَ اَنَا يُوْسُفُ وَهٰذَآ اَخِيْ ؗ قَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا ؕ اِنَّهٗ مَنْ يَّتَّقِ وَيَصْبِرْ فَاِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٩٠﴾

(٩٠) (هي ٻڌي ڀائر حيران ٿي ويا ۽ هاڻي عزيز جي شڪل ۽ آواز تي غور ڪري سمجهي ورتائون ۽) چيائون ته، ڇا في الحقيقت تون ئي يوسف آهين؟ يوسف چيو ته، هائو مان يوسف آهيان ۽ هي (بن يامين) منهنجو ڀاءُ آهي. تحقيق الله تعاليٰ اسان تي احسان ڪيو ۽ حقيقت هيءَ آهي ته جيڪو به برائين کان پاڻ بچائي ٿو ۽ (مصيبتن ۾) ثابت قدم رهي ٿو

تنهن جي لاءِ الله تعاليٰ (پنهنجي قانون مطابق) نيڪ عملن جو اجر ڪڏهن بہ ضايع نہ ٿو ڪري.

قَالُوْا تَاللّٰهِ لَقَدْ اٰثَرَكَ اللّٰهُ عَلَيْنَا وَاِنْ كُنَّا لَخٰطِئِيْنَ ﴿٩١﴾

(٩١) (هي ٻڌي ڀائرن جو ڪنڌ شرم ۽ پشيمانيءَ کان هيٺ ٿي ويو ۽) چيائون تہ قسم آهي خدا جو تہ، بيشڪ الله تعاليٰ توکي اسان تي فضيلت ۽ بزرگي ڏني آهي ۽ بيشڪ اسان سراسر قصوروار هئاسين.

قَالَ لَا تَثْرِيْبَ عَلَيْكُمُ الْيَوْمَ ؕ يَغْفِرُ اللّٰهُ لَكُمْ ۫ وَهُوَ اَرْحَمُ الرّٰحِمِيْنَ ﴿٩٢﴾

(٩٢) يوسف چيو تہ، اڄ جي ڏينهن (منهنجي طرفان) توهان تي ڪا بہ سرزنش ڪانهي (يعني مان توهان کي ڪا بہ ميار ڪونہ ٿو ڏيان، جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو) الله تعاليٰ شال اوهان جو قصور بخشي ۽ هو سڀني رحم ڪندڙن کان وڌيڪ رحم ڪندڙ آهي.

اِذْهَبُوْا بِقَمِيْصِيْ هٰذَا فَاَلْقُوْهُ عَلٰى وَجْهِ اَبِيْ يَاْتِ بَصِيْرًا ۚ وَاْتُوْنِيْ بِاَهْلِكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٩٣﴾ ع

(٩٣) (هاڻي توهان هيئن ڪيو جو) منهنجي هيءَ قميص (نشانيءَ طور) پاڻ سان کڻي وڃو ۽ منهنجي پيءُ جي منهن تي وجهو تہ سندس اکيون روشن ٿي پون ۽ (پوءِ) پنهنجي گهراڻي جي سڀني ماڻهن کي وٺي مون وٽ اچو.

## رڪوع 11

### ڀائرن جو موٽي ڪنعان ۾ اچڻ ۽ سڀني جو مصر وڃڻ

وَلَمَّا فَصَلَتِ الْعِيْرُ قَالَ اَبُوْهُمْ اِنِّيْ لَاَجِدُ رِيْحَ يُوْسُفَ لَوْلَآ اَنْ تُفَنِّدُوْنِ ﴿٩٤﴾

(٩٤) ۽ وري جڏهن (اهي ڀائر يوسف جي حڪم موجب قميص کڻي روانا ٿيا ۽) قافلي مصر جو ملڪ ڇڏيو تڏهن (هوڏي ڪنعان ۾) سندن پيءُ چوڻ لڳو تہ، جيڪڏهن توهان ماڻهو هيئن نہ چئو تہ، پوڙهائي سبب منهنجو عقل ڪسجي ويوي آهي، تہ مان چئي ڏيندس تہ مون کي يوسف جي خوشبوءِ اچي رهي آهي (۽ مون کي ان ڳالهہ جو يقين آهي).

قَالُوْا تَاللّٰهِ اِنَّكَ لَفِيْ ضَلٰلِكَ الْقَدِيْمِ ﴿٩٥﴾

(٩٥) (ٻڌندڙن) چيو تہ، والله تون تہ اڃا تائين پنهنجي پراڻي غلطيءَ ۾ غلطان آهي. (يعني يوسف جو تہ نالي نشان بہ ڪونہ رهيو ۽ تون وري سندس موٽي ملڻ جا خواب لهي رهيو آهين).

فَلَمَّآ اَنْ جَآءَ الْبَشِيْرُ اَلْقٰىهُ عَلٰى وَجْهِهٖ فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ قَالَ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ ۚ اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٩٦﴾

(٩٦) پر پوءِ جڏهن (قافلي ڪنعان ۾ پهچي ويو ۽) خوشخبري ٻڌائيندڙ (ڊوڙندو ڊوڙندو) آيو، هن (اچڻ شرط) يوسف جي قميص يعقوب جي چهري تي وڌي تہ سندس اکيون وري روشن ٿي پيون، تڏهن حضرت يعقوب فرمايو تہ، مون اوهان کي چيو ڪين هو تہ مون کي الله تعاليٰ کان اها ڳالهہ معلوم ٿي آهي جا توهان نٿا ڄاڻو.

قَالُوْا يٰٓاَبَانَا اسْتَغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَآ اِنَّا كُنَّا خٰطِئِيْنَ ﴿٩٧﴾

(٩٧) اهي (ڀائر شرم ۽ پشيمانيءَ ۾ ٻڏي) چوڻ لڳا تہ، اي اسان جا بابا! اسان جي گناهن جي مغفرت لاءِ (الله جي حضور ۾) دعا ڪر، بيشڪ اسان سراسر خطاوار هئاسين.

قَالَ سَوْفَ اَسْتَغْفِرُ لَكُمْ رَبِّيْ ؕ اِنَّهٗ هُوَ

(٩٨) پيءُ چيو تہ، اهو وقت پري ناهي جڏهن مان پنهنجي پروردگار

الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ۝٩٨

کان اوهان جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندس، هو وڏو بخشيندڙ ۽ وڏي رحمت وارو آهي.

فَلَمَّا دَخَلُوْا عَلٰى يُوْسُفَ اٰوٰۤى اِلَيْهِ اَبَوَيْهِ وَ
قَالَ ادْخُلُوْا مِصْرَ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ اٰمِنِيْنَ ۝٩٩

(٩٩) پوءِ جڏهن (حضرت يعقوب سنس ٻي ٻچن ۽ سندس پٽ ڀين ماڻن سميت حضرت يوسف جي خواهش مطابق ڪنعان کان روانا ٿيا ۽ مصر واري شهر جي ٻاهران) يوسف سان مليا تڏهن هن پنهنجي پيءُ ۽ (ويڳي) ماءُ کي (عزت سان) پنهنجي پاسي ۾ جاءِ ڏني ۽ چيو ته، هاڻي شهر ۾ هلو. خدا گهريو آهي ته توهان جي لاءِ هر طرح جي سلامتي آهي.

وَ رَفَعَ اَبَوَيْهِ عَلَى الْعَرْشِ وَ خَرُّوْا لَهٗ
سُجَّدًا ۚ وَ قَالَ يٰۤاَبَتِ هٰذَا تَاْوِيْلُ رُءْيَايَ
مِنْ قَبْلُ ۫ قَدْ جَعَلَهَا رَبِّيْ حَقًّا ؕ وَ قَدْ
اَحْسَنَ بِيْۤ اِذْ اَخْرَجَنِيْ مِنَ السِّجْنِ وَ جَآءَ
بِكُمْ مِّنَ الْبَدْوِ مِنْۢ بَعْدِ اَنْ نَّزَغَ الشَّيْطٰنُ
بَيْنِيْ وَ بَيْنَ اِخْوَتِيْ ؕ اِنَّ رَبِّيْ لَطِيْفٌ لِّمَا
يَشَآءُ ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ۝١٠٠

(١٠٠) ۽ (جڏهن شهر ۾ داخل ٿيا تڏهن) هن پنهنجي ماءُ پيءُ کي تخت تي مٿي وهاريو ۽ (ڏسو ان وقت ڇا ٿيو جو) سڀ سندس اڳيان سجدي ۾ ڪري پيا (۽ مصر جي دستور مطابق هن جي عهدي جي تعظيم بجا آندائون) ان وقت (ڪيس پنهنجي ننڍپڻ وارو خواب ياد آيو ۽ بي اختيار) پڪاري چيائين ته، اي بابا! هي آهي تعبير انهيءَ خواب جي، جيڪو گهڻي مدت اڳي مون ڏٺو هو. منهنجي پروردگار ان کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريو. هي سندس ئي احسان اهي جو مون کي قيد مان ٻاهر ڪڍيائين، توهان سڀني کي بيابان مان مڏي مون وٽ پهچايائين، ۽ هي سڀ ڪجھ هن واقعي کان پوءِ ٿيو، جو شيطان منهنجي ۽ منهنجي ڀائرن جي سچ ۾ اختلاف وجهي ڇڏيو هو. بيشڪ منهنجو پروردگار انهن ڳالهين جي لاءِ جي ڪرڻ چاهي ته بهترين تدبير ڪندڙ آهي. بيشڪ اهوئي آهي جو (سڀ ڪجھ ڄاڻندڙ (۽ پنهنجي سڀني ڪمن ۾) حڪمت رکندڙ آهي.

رَبِّ قَدْ اٰتَيْتَنِيْ مِنَ الْمُلْكِ وَ عَلَّمْتَنِيْ مِنْ
تَاْوِيْلِ الْاَحَادِيْثِ ۚ فَاطِرَ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ ۫ اَنْتَ وَلِيّٖ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ ۚ
تَوَفَّنِيْ مُسْلِمًا وَّ اَلْحِقْنِيْ بِالصّٰلِحِيْنَ ۝١٠١

(١٠١) (پوءِ يوسف دعا گهري ته) اه منهنجا پروردگار! تو مون کي حڪومت عطا فرمائي ۽ ڳالهين جو مطلب ۽ نتيجو ڪڍڻ سيکاريو. اي آسمان ۽ زمين جي بنائڻ وارا! تون ئي مننجو ڪارساز آهي.. دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به. تون (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) ائين ڪجانءِ جو دنيا مان لاڏاڻو ڪيان ته تنهنجي فرمابرداريءَ جي حالت ۾ ڪيان ۽ انهن ماڻهن ۾ داخل ٿيان جيڪي تنهنجا نيڪ ٻانها آهن.

ذٰلِكَ مِنْ اَنْۢبَآءِ الْغَيْبِ نُوْحِيْهِ اِلَيْكَ ۚ وَ مَا
كُنْتَ لَدَيْهِمْ اِذْ اَجْمَعُوْۤا اَمْرَهُمْ وَ هُمْ
يَمْكُرُوْنَ ۝١٠٢

(١٠٢) (اي پيغمبر!) هيءَ غيب جي خبرن مان هڪ خبر آهي، جيڪا توکي وحي جي رستي ٻڌائي اٿئون، نه ته (ظاهر آهي ته) جنهن وقت يوسف جا ڀائر گڏجي سازش ۽ منصوبو ٺاهي رهيا هئا ۽ مخفي رٿون رٿي رهيا هئا تنهن وقت تون انهن وٽ ڪونه بيٺو هئين (جو سڀ ڪجھ ڏسي ٻڌي وٺين ها).

وَ مَاۤ اَكْثَرُ النَّاسِ وَ لَوْ حَرَصْتَ بِمُؤْمِنِيْنَ ۝١٠٣

(١٠٣) ۽ (اي پيغمبر! هيءَ ڳالهه به ياد رک ته) اڪثر ماڻهن جو حال هي

آهي جو تون ڪيترو بہ چاهين (۽ ڪيترا بہ دليل پيش ڪرين تہ بہ) هو ڪڏهن بہ ايمان نہ آڻيندا.

وَمَا تَسْـَٔلُهُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ ؕ اِنْ هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۴﴾

(١٠٤) حالانڪ هنن ڪان هن ڳالهہ جي لاءِ ڪا بہ مزوري نتو گهرين. هي (جيڪي تون ماڻهن کي ٻڌائين ٿو سي تہ) سڄي جهان لاءِ عمدو پيغام ۽ نصيحت آهي.

## رڪوع 12

**آسمانن ۽ زمين ۾ خدا جي قدرت ۽ حڪمت جون نشانيون آهن.**

وَكَاَيِّنْ مِّنْ اٰيَةٍ فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ يَمُرُّوْنَ عَلَيْهَا وَهُمْ عَنْهَا مُعْرِضُوْنَ ﴿۱۰۵﴾

(١٠٥) ۽ (ڏسو) آسمانن ۽ زمين ۾ (الله جي قدرت ۽ حڪمت جون) ڪيتيون ئي نشانيون آهن جن وٽان ماڻهو لنهگن ٿا ۽ اڪيون ڪٽي ڏسن بہ نٿا.

وَمَا يُؤْمِنُ اَكْثَرُهُمْ بِاللّٰهِ اِلَّا وَهُمْ مُّشْرِكُوْنَ ﴿۱۰۶﴾

(١٠٦) ۽ انهن مان گهڻن ماڻهن جو حال هي آهي جو الله تي ايمان آڻين ٿا تہ هن حال ۾ آڻين ٿا جو ان سان گڏ شريڪ بہ ٺهرايا وڃن.

اَفَاَمِنُوْۤا اَنْ تَاْتِيَهُمْ غَاشِيَةٌ مِّنْ عَذَابِ اللّٰهِ اَوْ تَاْتِيَهُمُ السَّاعَةُ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۱۰۷﴾

(١٠٧) پوءِ ڇا اهي ماڻهو هن ڳالهہ کان پاڻ کي سلامت ٿا سمجهن تہ الله جي عذاب مان ڪا آفت مٿن اچي وڃي ۽ ڇانئجي وڃي؟ يا اوچتو ئي اوچتو قيامت اچي وڃي ۽ هو بي خبريءَ ۾ پيا هجن.

قُلْ هٰذِهٖ سَبِيْلِىْۤ اَدْعُوْۤا اِلَى اللّٰهِ ؔ عَلٰى بَصِيْرَةٍ اَنَا وَمَنِ اتَّبَعَنِىْ ؕ وَسُبْحٰنَ اللّٰهِ وَمَاۤ اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿۱۰۸﴾

(١٠٨) (اي پيغمبر!) تون چئي ڏي تہ منهنجي واٽ تہ هيءَ آهي جو مان انهيءَ روشنيءَ جي مدار تي جا منهنجي سامهون آهي الله جي طرف (ماڻهن کي) سڏيان ٿو ۽ (انهيءَ راهہ ۾) جن ماڻهن منهنجي پنيان قدم کنيو آهي، سي بہ (ساڳيءَ طرح خدا جي طرف ماڻهن کي) سڏين ٿا ۽ پاڪائي هجي الله جي لاءِ. مان شرڪ ڪرڻ وارن مان ڪونہ آهيان.

وَمَاۤ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ اِلَّا رِجَالًا نُّوْحِىْۤ اِلَيْهِمْ مِّنْ اَهْلِ الْقُرٰى ؕ اَفَلَمْ يَسِيْرُوْا فِى الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ؕ وَلَدَارُ الْاٰخِرَةِ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ اتَّقَوْا ؕ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿۱۰۹﴾

(١٠٩) ۽ (اي پيغمبر!) توکان اڳي اسان ڪنهن بہ رسول کي نہ موڪليو آهي، پر هن طرح جو هو شهر جي رهاڪن مان هڪڙو ماڻهو هو ۽ اسان مٿس وحي نازل ڪيو هو (ائين ڪڏهن ڪونہ ٿيو جو آسمان مان فرشتا لٿا هجن). پوءِ ڇا هي ماڻهو (جيڪي تنهنجي رسول هئڻ تي عجب ڪائي رهيا آهن) سي زمين تي گهميا ڦريا ڪونہ آهن؟ جو ڏسن ها تہ انهن ماڻهن جي پڇاڙي ڪهڙي (نہ خراب) ٿي جيڪي اڳي گذري ويا آهن ۽ جيڪي ماڻهو (برائين کان پاڻ کي) بچائين ٿا تن جي لاءِ يقيناً آخرت جو گهر گهڻو بهتر آهي. پوءِ (اي انسانو!) توهان (اها ڳالهہ) نہ سمجهندؤ ڇا؟

حَتّٰۤى اِذَا اسْتَيْـَٔسَ الرُّسُلُ وَظَنُّوْۤا اَنَّهُمْ قَدْ كُذِبُوْا جَآءَهُمْ نَصْرُنَا ۙ فَنُجِّىَ مَنْ نَّشَآءُ ؕ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُنَا عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۱۱۰﴾

(١١٠) (۽ انهن اڳوڻين قومن تي هڪدم عذاب ڪونہ آيو هو، هنن کي مهلت ملندي رهي) تان جو جڏهن الله جا رسول (هنن جي ايمان آڻڻ کان) نااميد ٿي پيا ۽ ماڻهن خيال ڪيو تہ کين ڪوڙا واعدا يا دڙڪا ڏنا ويا هئا، تڏهن (پوءِ اوچتو) اسان جي مدد انهن (رسولن) کي اچي پهتي. پوءِ اسان جن

ڪي چاهيو تن ڪي بچائي ورتو ۽ (جيڪي منڪر ڏوهاري هئا تن جي لاءِ) ائين ڪڏهن به ٿي نٿو سگهي ته ڏوهارين کان اسان جو عذاب ٽري وڃي.

لَقَدْ كَانَ فِيْ قَصَصِهِمْ عِبْرَةٌ لِّاُولِي الْاَلْبَابِ ؕ مَا كَانَ حَدِيْثًا يُّفْتَرٰى وَلٰكِنْ تَصْدِيْقَ الَّذِيْ بَيْنَ يَدَيْهِ وَتَفْصِيْلَ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿١١١﴾

(١١١) يقيناً انهن ماڻهن جي قصن ۾ سمجهه وارن ماڻهن لاءِ وڏي عبرت (۽ نصيحت جو سبق) رکيل آهي، هي (يعني قرآن مجيد) ڪا دل مان گهڙي ناهي ڪيل ڳالهه ناهي، پر انهيءَ ڪتاب جي تصديق آهي جو هن کان اڳي اچي چڪو آهي. پڻ انهن ماڻهن لاءِ جي يقين رکن ٿا (هدايت جي) سيني ڳالهين جو تفصيل آهي (يعني جدا جدا ڪري چٽيون هدايتون ڏنل آهن) ۽ (اهو قرآن) سچي راهه ڏيکاريندڙ ۽ سراسر رحمت آهي.

## سورت الرعد (رعد معنيٰ ڪڪرن جو گجگوڙ) مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

### رڪوع 1

**دنيا ۾ جيڪي به آهي تنهن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته سڀ ڪجهه قانونن تي هلي رهيو آهي، تنهن ڪري قانون ساز ۽ ڪارساز ضرور آهي.**

الٓمّٓرٰ ۚ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ ؕ وَالَّذِيْٓ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١﴾

(١) الف- لام- ميم- را. (اي پيغمبر!) هي ڪتاب (يعني قرآن مجيد) جون آيتون آهن ۽ جيڪي تنهنجي پروردگار وٽان توتي نازل ٿيو آهي، سو حق جو امر آهي (نه ٻيو ڪجهه) پر اڪثر ماڻهو اهڙا آهن جيڪي (ان تي) ايمان نٿا آڻين.

اَللّٰهُ الَّذِيْ رَفَعَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا ثُمَّ اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؕ كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ يُدَبِّرُ الْاَمْرَ يُفَصِّلُ الْاٰيٰتِ لَعَلَّكُمْ بِلِقَآءِ رَبِّكُمْ تُوْقِنُوْنَ ﴿٢﴾

(٢) اهو الله ئي آهي، جنهن آسمان کي بلند ڪيو ۽ توهان ڏسو ٿا ته ڪوبه ٿنڀ انهن کي جهليون ڪونه بيٺو آهي. (خلقڻ بعد هو ننڍ پئجي ڪونه ويو پر) پنهنجي حڪومت (جي تخت) تي قائم رهيو (يعني مخلوقات ۾ حڪم احڪام جاري ڪندو رهيو ۽ انتظام ڪندو رهيو) ۽ سج ۽ چنڊ کي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيائين، (اهڙيءَ طرح) جو هرهڪ پنهنجي ٺهرايل مدت تائين (پنهنجي پنهنجي واٽ تي) هلي رهيو آهي. اهوئي (هن خلقت جي ڪارخاني جو) انتظام ڪري رهيو آهي ۽ (پنهنجي قدرت ۽ حڪمت جون) نشانيون الڳ الڳ ڪري بيان ٿو ڪري ان لاءِ ته اوهان کي يقين ٿي وڃي ته (هڪ ڏينهن) پنهنجي پروردگار سان ملڻو آهي (۽ عملن جو حساب ڪتاب ڏيڻو آهي.)

وَهُوَ الَّذِيْ مَدَّ الْاَرْضَ وَجَعَلَ فِيْهَا رَوَاسِيَ وَاَنْهٰرًا ؕ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ جَعَلَ فِيْهَا زَوْجَيْنِ اثْنَيْنِ يُغْشِي الَّيْلَ النَّهَارَ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿٣﴾

(٣) ۽ (ڏسو) اهوئي آهي جنهن زمين جو متاچرو پکيڙي ڇڏيو آهي، ان ۾ جبل ناهيا اٿس، نديون ۽ نهرون وهائي ڇڏيون اٿس ۽ هر طرح جي ميون جا جوڙا ٻن ٻن قسمن جا ڄمايا اٿس. هن رات ڏينهن (جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ جو ۽ درجي بدرجي اچڻ) جو اهڙو قانون ناهي ڇڏيو آهي جو ڏينهن جي روشنيءَ کي رات جي اونداهي ڍڪي ڇڏيندي

آهي. يقيناً هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڪيترين ئي نشانيون آهن، جيڪي ماڻهو غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن.

وَ فِي الْاَرْضِ قِطَعٌ مُّتَجٰوِرٰتٌ وَّ جَنّٰتٌ مِّنْ
اَعْنَابٍ وَّ زَرْعٌ وَّ نَخِيْلٌ صِنْوَانٌ وَّ غَيْرُ
صِنْوَانٍ يُّسْقٰى بِمَآءٍ وَّاحِدٍ وَ نُفَضِّلُ
بَعْضَهَا عَلٰى بَعْضٍ فِي الْاُكُلِ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ
لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿۴﴾

(٤) ۽ ڏسو، زمين ۾ (طرحين طرحين) ٽڪرا آهن جي هڪٻئي سان مليل آهن. انهن ۾ انگورن جا باغ آهن، (ان جون) پوکون آهن. کارڪن جا وڻ آهن، جن مان ڪي هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، ته ڪي وري ڳنڍيل ڪونه آهن. سڀني کي هڪ ئي پاڻي ملي ٿو. پر (تنهن هوندي به) اسان ڪجهه ميون کي ٻين ميون کان ذائقي ۾ بهتري ڏيون ٿا. يقيناً هن ڳالهه ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن، جيڪي ماڻهو عقل کان ڪم ٿا وٺن.

وَ اِنْ تَعْجَبْ فَعَجَبٌ قَوْلُهُمْ ءَاِذَا كُنَّا تُرٰبًا
ءَاِنَّا لَفِيْ خَلْقٍ جَدِيْدٍ اُولٰٓئِكَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا
بِرَبِّهِمْ وَ اُولٰٓئِكَ الْاَغْلٰلُ فِيْٓ اَعْنَاقِهِمْ وَ
اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿۵﴾

(٥) ۽ (اي انسان!) جيڪڏهن تون ڪا عجيب ڳالهه ڏسڻ چاهين ٿو ته (سڀ کان وڏيڪ) عجيب ڳالهه انهن منڪرن جو هي قول آهي ته جڏهن اسان (مرڻ بعد ڳري سڙي) خاڪ ٿي ويندا سين تڏهن اسان وري نئين خلقت ۾ آڻي اٿاريا ويندا سين ڇا؟ توهان (سمجهه وارؤ) يقين ڪيو ته اهي ئي ماڻهو آهن جن پنهنجي پروردگار کان انڪار ڪيو ۽ اهي ئي آهن جن جي ڳچين ۾ ڳٽ پيل هوندا ۽ اهي ئي آهن جيڪي دوزخي هوندا ۽ هميشه دوزخ ۾ رهندا.

وَ يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالسَّيِّئَةِ قَبْلَ الْحَسَنَةِ وَ
قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهِمُ الْمَثُلٰتُ وَ اِنَّ رَبَّكَ
لَذُوْ مَغْفِرَةٍ لِّلنَّاسِ عَلٰى ظُلْمِهِمْ وَ اِنَّ
رَبَّكَ لَشَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿۶﴾

(٦) ۽ (اي پيغمبر!) هي ماڻهو توسان برائيءَ جي لاءِ تڪڙ مچائي ٿا ڏين (يعني ٺوڪ طور توکي چون ٿا ته جلدي اسان تي عذاب آڻ! ان کان اڳي جو چڱائي جي طلب ڪن، حالانڪ انهن کان ڳي هڙا مثال ۽ واقعا ٿي گذريا آهن (جن متعلق دنيا ۾) ڪهاڻيون ۽ پهاڪا ٺهي ويا آهن. پر هي بيوقوف انهن مان عبرت نٿا وٺن) تنهنجي پروردگار ته بيشڪ (سندن) ظلم کي درگزر ڪرڻ وارو (۽ مهلت ڏيڻ وارو) آهي. پر هن ۾ به شڪ ڪونهي ته (جيڪڏهن هو حق تي نه ايندا ته) تنهنجو پروردگار سزا ڏيڻ ۾ به ڏاڍو سخت آهي.

وَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ لَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ
رَّبِّهٖ اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرٌ وَّ لِكُلِّ قَوْمٍ هَادٍ ﴿۷﴾

(٧) ۽ جن ماڻهن ڪفر اختيار ڪيو آهي سي چون ٿا ته هن ماڻهوءَ (يعني پيغمبرﷺ) تي پنهنجي پروردگار جي طرف کان ڪا نشاني ڇو نه نازل ٿي آهي. حالانڪ تون ته فقط (انڪار ۽ بدعملين جي نتيجن کان) خبردار ڪرڻ وارو هڪڙو رهنما (واٽ ڏيکاريندڙ) آهن ۽ هر قوم جي لاءِ هڪڙو رهنما پئي آيو آهي.

رکوع 2

**الله تعاليٰ ڪنهن به قوم جي حالت نٿو بدلائي جيستائين پاڻ پنهنجي عملن سان پنهنجي حالت نٿا بدلائين.**

اَللّٰهُ يَعْلَمُ مَا تَحْمِلُ كُلُّ اُنْثٰى وَ مَا تَغِيْضُ

(٨) الله (تعاليٰ جو علم اهڙو ته وسيع ۽ عالمگير آهي جو هو) اهو به

الْاَرْحَامُ وَمَا تَزْدَادُ ؕ وَكُلُّ شَيْءٍ عِنْدَهٗ بِمِقْدَارٍ ﴿٨﴾

جاٽي ٿو تہ ماديءَ جي پيٽ ۾ ڇا آهي (يعني ڪهڙي قسم جو ٻچو پيٽ ۾ آهي) ۽ پيٽ ڇو ٿا گهٽجن ۽ وڌا ٿين. هن وٽ هر شيءِ جو هڪ اندازو ٺهرايل ٿيل ٿو.

عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْكَبِيْرُ الْمُتَعَالِ ﴿٩﴾

(٩) هو غيب ۾ شهادت (يعني لڪل ۽ ظاهر غير محسوس ۽ محسوس) ٻنهي جو ڄاڻندڙ آهي ۽ سڀني کان وڏو ۽ بلند مرتبي وارو آهي.

سَوَآءٌ مِّنْكُمْ مَّنْ اَسَرَّ الْقَوْلَ وَمَنْ جَهَرَ بِهٖ وَمَنْ هُوَ مُسْتَخْفٍۢ بِالَّيْلِ وَسَارِبٌۢ بِالنَّهَارِ ﴿١٠﴾

(١٠) توهان مان ڪوبہ دل ۾ ڪا ڳالھ چوي، يا زور سان پڪاري چوي، رات جي اونداهيءَ ۾ لڪل هجي يا ڏينهن جي روشنيءَ ۾ گهمندڙ هجي هن (الله) جي لاءِ هڪ جهڙي ڳالھ آهي (يعني سندس علم کان ڪابہ ڳالھ لڪل ناهي).

لَهٗ مُعَقِّبٰتٌ مِّنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ يَحْفَظُوْنَهٗ مِنْ اَمْرِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُغَيِّرُ مَا بِقَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ ؕ وَاِذَآ اَرَادَ اللّٰهُ بِقَوْمٍ سُوْٓءًا فَلَا مَرَدَّ لَهٗ ۚ وَمَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّالٍ ﴿١١﴾

(١١) انسان جي اڳيان ۽ پٺيان هڪ ٻئي پوئتان ايندڙ (قوتون) آهن جي الله جي حڪم سان سندس حفاظت ڪن ٿيون. الله تعاليٰ ڪڏهن بہ انهيءَ حالت کي نٿو بدلائي جنهن حالت ۾ ڪا قوم آهي جيستائين ڪ اها قوم پاڻ پنهنجي صلاحيت کي نہ بدلائي ڇڏي. ۽ جڏهن الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ ڪنهن قوم کي (سندس صلاحيت کي ڦيرائڻ جي عيوض ۾) مصيبت پهچي تہ (مصيبت پچي وڃي ٿي) اها ڪنهن جي بہ ٽارڻ ان ٽري نٿي سگهي ۽ الله کان سواءِ ڪوبہ ڪونهي جو هن جو ڪارساز ۽ بچائيندڙ ٿئي.

هُوَ الَّذِيْ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّطَمَعًا وَّيُنْشِئُ السَّحَابَ الثِّقَالَ ﴿١٢﴾ ۚ

(١٢) اهو (الله ئي) آهي جو اوهان کي کنوڻ جي تجلي (چمڪو) ڏيکاري ٿو، اها کنوڻ يا بجلي دلين ۾ هراس بہ پيدا ڪري ٿي ۽ اميد بہ پيدا ڪري ٿي. اهو ئي آهي جو ڪڪرن کي (پاڻيءَ سان) ڀرپور ڪري ٿو ڇڏي.

وَيُسَبِّحُ الرَّعْدُ بِحَمْدِهٖ وَالْمَلٰٓئِكَةُ مِنْ خِيْفَتِهٖ ۚ وَيُرْسِلُ الصَّوَاعِقَ فَيُصِيْبُ بِهَا مَنْ يَّشَآءُ وَهُمْ يُجَادِلُوْنَ فِي اللّٰهِ ۚ وَهُوَ شَدِيْدُ الْمِحَالِ ﴿١٣﴾ ؕ

(١٣) ۽ ڪڪرن جي گجگوڙ سندس حمد ۽ ساراھ ڪري ٿي. ۽ فرشتا بہ ان جي دهشت کان (خدا جي) حمد ۽ ساراھ ڪن ٿا. هو بجليون ڪيرائي ٿو ۽ جنهن کي وڻيس ٿو تنهن کي ان هيٺ آڻي موت جي مصيبت ۾ وجهي ٿو. (تنهن هوندي بہ) اهي (منڪر الله جي قدرت ۽ حڪمت جي انهن سڀني نشانين کان اکيون بند ڪيون ويٺا آهن جو) سندس (هستي ۽ هڪ هئڻ جي) باري ۾ بحث ۽ جهڳڙا ڪري رهيا آهن، حالانڪ هو (پنهنجي قدرت ۽ طاقت ۾) ڏاڍو سخت ۽ غالب آهي.

لَهٗ دَعْوَةُ الْحَقِّ ؕ وَالَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهٖ لَا يَسْتَجِيْبُوْنَ لَهُمْ بِشَيْءٍ اِلَّا كَبَاسِطِ كَفَّيْهِ اِلَى الْمَآءِ لِيَبْلُغَ فَاهُ وَمَا هُوَ بِبَالِغِهٖ ؕ وَمَا دُعَآءُ الْكٰفِرِيْنَ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ ﴿١٤﴾

(١٤) هن (الله) کي پڪارڻ (يعني ڪائنس دعا ۽ مدد گهرڻ) سچو پڪارڻ آهي. جيڪي ماڻهو هن کان سواءِ ٻين کي پڪارين ٿا تن جي پڪار اهي ٻيا ڪجھ بہ نٿا ٻڌن. انهن جو مثال اهڙو آهي جهڙو هڪ ماڻهو (سخت اُڃ ۾) ٻئي هٿ پاڻيءَ جي طرف وڌائي ڏگها ڪري تہ بس (ائين ڪرڻ سان) پاڻي هن جي وات ۾ پهچي وڃي. حالانڪ اهو ان تائين پهچڻ وارو ئي

ناهي ۽ (يقين ڪيو تہ) حق جي منڪرن جي دعا يا پڪار سواءِ هن جي ڪجھ بہ نہ آهي تہ ڏنگن ڦڏن رستن تي رلڻ ڦرڻ آهي.

وَلِلّٰهِ يَسْجُدُ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّظِلٰلُهُمْ بِالْغُدُوِّ وَالْاٰصَالِ ۩ ﴿١٥﴾

(١٥) ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي سو الله جي اڳيان سجدي ۾ ڪريل آهي (يعني الله جي حڪمن ۽ قانونن جي اڳيان جهڪڻ کان سواءِ ٻيو ڪيس چاروئي ڪونهي.) خوشيءَ سان يا مجبوريءَ سان (سجدي ۾ ڪريل آهي) ۽ (ڏسو) سندن پاڇا بہ صبح توڙي شام جو (ڪهڙيءَ طرح گهٽجن ٿا ۽ وڌن ٿا ۽ ڪڏهن هيڏي ڪڏهن هوڏي ٿي وڃن ٿا).

قُلْ مَنْ رَّبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ قُلِ اللّٰهُ ۭ قُلْ اَفَاتَّخَذْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَاۗءَ لَا يَمْلِكُوْنَ لِاَنْفُسِهِمْ نَفْعًا وَّلَا ضَرًّا ۭ قُلْ هَلْ يَسْتَوِي الْاَعْمٰى وَالْبَصِيْرُ ڏ اَمْ هَلْ تَسْتَوِي الظُّلُمٰتُ وَالنُّوْرُ ڬ اَمْ جَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَاۗءَ خَلَقُوْا كَخَلْقِهٖ فَتَشَابَهَ الْخَلْقُ عَلَيْهِمْ ۭ قُلِ اللّٰهُ خَالِقُ كُلِّ شَيْءٍ وَّهُوَ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿١٦﴾

(١٦)(اي پيغمبر!) انهن ماڻهن کان پڇ تہ آسمانن ۽ زمين جو پروردگار ڪير آهي؟ تون (ئي) چئہ تہ الله ئي آهي(ڪانئس سواءِ ڪوبہ ڪونهي)، (وري ڪين) چئہ تہ (جنهن صورت ۾ اهوئي پروردگار آهي تنهن صورت ۾) هي ڇا آهي جو توهان هن ڪان سواءِ ٻين کي پنهنجو ڪارساز بنائي رکيو آهي. جن کي خود پنهنجي جانين جو نفعو نقصان بہ پنهنجي اختيار ۾ ناهي، پڻ ڪين چئہ تہ انڌو ۽ ڏسندڙ ٻئي برابر آهن ڇا؟ يا (هيئن بہ ٿي سگهي ٿو) ڇا تہ اونداهي ۽ روشنائي برابر ٿي وڃن يا (وري هيءَ ڳالھ آهي ڇا تہ) سندن ٺهرايل شريڪن بہ اهڙيءَ ئي طرح مخلوقات پيدا ڪئي آهي جهڙي طرح خدا پيدا ڪئي آهي. جنهن ڪري پيدا ڪرڻ جي معاملي ۾ هنن کي شڪ شبهو پئجي ويو آهي (تہ رڳو الله خالق ناهي پر ٻيا بہ ڪجھ خلقي ٿا سگهن). تون (ڪين) چئہ تہ الله ئي آهي جو هر شيء جو پيدا ڪندڙ آهي ۽ هو (پنهنجي سيني ڳالهين ۾) يگانو ۽ سيني تي غالب آهي.

اَنْزَلَ مِنَ السَّمَاۗءِ مَاۗءً فَسَالَتْ اَوْدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحْتَمَلَ السَّيْلُ زَبَدًا رَّابِيًا ۭ وَمِمَّا يُوْقِدُوْنَ عَلَيْهِ فِي النَّارِ ابْتِغَاۗءَ حِلْيَةٍ اَوْ مَتَاعٍ زَبَدٌ مِّثْلُهٗ ۭ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْحَقَّ وَالْبَاطِلَ ڛ فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَاۗءً ۚ وَاَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِي الْاَرْضِ ۭ كَذٰلِكَ يَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ ﴿١٧﴾ۭ

(١٧) هن آسمان مان پاڻي وسايو تہ نديون پنهنجي قدر (يعني ڪشادگي ۽ اونهائي وغيره) آهر وهي هليون ۽ (ڪن ڪچري مان جهَڳي ٻڌجي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي چڙهي تہ) پاڻيءَ جو وهڪرو ان کي ڪٽي هليو ويو ۽ ڏسو تہ اهڙيءَ ئي طرح جي جهڳي (ڪن ڪچري مان) انهيءَ وقت بہ چڙهي ٿي جڏهن ماڻهو زيور يا ڪا ٻي شيءِ ٺاهڻ لاءِ (ڌاتن کي) باه ۾ تپائن (يا پگهارن) ٿا. حق ۽ باطل جو مثال اهڙو ئي سمجهو جهڙو الله تعاليٰ بيان ڪري ٿو. پوءِ (ڪن ڪچري جي) جهڳي (جا ڪنهن بہ ڪم جي نہ هئي) ائين ئي هلي ويئي ۽ جنهن شيء ۾ انسان جو نفعو هو سا زمين ۾ رهجي پيئي. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ (ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ) مثال ڏئي ٿو.

لِلَّذِيْنَ اسْتَجَابُوْا لِرَبِّهِمُ الْحُسْنٰى ڼ وَالَّذِيْنَ لَمْ يَسْتَجِيْبُوْا لَهٗ لَوْ اَنَّ لَهُمْ مَّا فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا وَّمِثْلَهٗ مَعَهٗ لَافْتَدَوْا بِهٖ ۭ

(١٨) جن ماڻهن پنهنجي پروردگار جو حڪم قبول ڪيو تن جي لاءِ سراسر چڱائي آهي ۽ جن قبول نہ ڪيو (تن جا سڀ عمل ضايع ٿي ويندا. اهي نامرادي ۽ بدحاليءَ کان بچي ڪونہ سگهندا) جيڪڏهن سڄي زمين جي سڀ دولت سندن قبضي ۾ اچي وڃي ۽ ان کي وري ٻيڻو ڪيو وڃي تہ اهي ماڻهو ضرور ان کي فدئي طور ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا تہ من نامرادي

أُولَٰٓئِكَ لَهُمْ سُوٓءُ الْحِسَابِ ۙ وَمَأْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ۖ وَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿١٨﴾

۽ عذاب کان ڪين پناه ملي، پر هرگز نہ ملندي) اهي ئي ماڻهو آهن جن لاءِ حساب جي سختيءَ ٿيندي ۽ سندن ٽڪاڻو جهنم هوندو ۽ (اهو جهنم) ڪھڙو نہ خراب ٽڪاڻو آهي.

## رڪوع 3

### حقيقت ۽ وحي کي قبول ڪندڙن جون خصلتون، شرارت ۽ فساد ڪندڙن تي لعنت آهي.

اَفَمَنْ يَّعْلَمُ اَنَّمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ الْحَقُّ كَمَنْ هُوَ اَعْمٰى ۚ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿١٩﴾

(١٩) (اي پيغمبر!) ائين تي سگهي ٿو ڇا؟ تہ (هيٺ ڄاڻايل) ٻئي ماڻهو برابر هجن. اهو جيڪو چڱيءَ طرح ڄاڻي (۽ سمجهي) ٿو تہ جيڪا ڳالھ تنهنجي پروردگار وٽان توتي نازل ٿي آهي سا حق آهي ۽ اهو جيڪو (هن حقيقت جي ڏسڻ کان) انڌو آهي. جيڪي دانشمند آهن (۽ عقل کان ڪم وٺن ٿا).

الَّذِيْنَ يُوْفُوْنَ بِعَهْدِ اللّٰهِ وَلَا يَنْقُضُوْنَ الْمِيْثَاقَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) اهي (نصيحت وٺندڙ) اهي ماڻهو آهن جيڪي الله سان پنهنجي (ٻانهپ جو) عهد پورو ڪن ٿا ۽ پنهنجو قول ۽ قرار نٿا ڀڃن.

وَالَّذِيْنَ يَصِلُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ وَيَخَافُوْنَ سُوٓءَ الْحِسَابِ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ اهي اهي ماڻهو آهن جيڪي انهن رشتن (يعني لاڳاپن) کي جوڙين ۽ ڳنڍين ٿا جن جي جوڙڻ ۽ ڳنڍڻ جو الله تعاليٰ حڪم ڏنو آهي. (فقط) پنهنجي پروردگار کان ڊڄن ٿا ۽ حساب (ڏيڻ) جي سختي جي خيال کان انديشي ۾ رهن ٿا.

وَالَّذِيْنَ صَبَرُوا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِمْ وَاَقَامُوا الصَّلٰوةَ وَاَنْفَقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً وَّيَدْرَءُوْنَ بِالْحَسَنَةِ السَّيِّئَةَ اُولٰٓئِكَ لَهُمْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ اهي اُهي ماڻهو آهن جن الله تعاليٰ جي محبت ڪندي (يا الله تعاليٰ جي راضپي حاصل ڪرڻ جي طلب ۾ هر طرح جي پوٽاين ۽ سختين ۾) صبر ڪيو (۽ پنهنجي فرض اداين ۾ ثابت قدم رهيا) نماز قائم رکي جيڪو رزق اسان ڪين ڏنو آهي تنهن مان (خدا جي راھ ۾) مخفي طرح توڙي ظاھرظهور خرچ ڪندا رهيا. هنن برائيءَ جي مقابلي ۾ برائي نہ ڪئي، بلڪ چڱائيءَ جي هلت ڪئي. بيشڪ اهي ئي ماڻهو آهن جن جي لاءِ عاقبت جو گھر (تيار رکيل) آهي.

جَنّٰتُ عَدْنٍ يَّدْخُلُوْنَهَا وَمَنْ صَلَحَ مِنْ اٰبَآئِهِمْ وَاَزْوَاجِهِمْ وَذُرِّيّٰتِهِمْ وَالْمَلٰٓئِكَةُ يَدْخُلُوْنَ عَلَيْهِمْ مِّنْ كُلِّ بَابٍ ﴿٢٣﴾

(٢٣) (اهو عاقبت جو گھر آهي) دائمي باغ، جن ۾ اهي پاڻ بہ داخل ٿيندا ۽ سندن ابن ڏاڏن، زالن ۽ اولاد مان جن صالح عمل ڪيا هوندا سي بہ داخل ٿيندا. (اتي جي زندگي اهڙي هوندي جو) هر دروازي کان فرشتا انهن ڏي ايندا.

سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ بِمَا صَبَرْتُمْ فَنِعْمَ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٢٤﴾

(٢٤) (۽ چوندا تہ) هي جو توهان (دنيا جي زندگيءَ ۾) صبر ڪيو ۽ ثابت قدم رهيؤ تنهن جي سبان (اڄ) توهان تي سلامتي هجي. پوءِ ڪھڙو نہ چڱو عاقبت جو گھر آهي (جو انهن ماڻهن کي نصيب ٿيو).

وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَ

(٢٥) ۽ جن ماڻهن جو حال هي آهي جو الله جو عهد مضبوط ڪرڻ بعد وري ان کي ٽوڙي ٿا ڇڏين ۽ جن لاڳاپن ڳنڍڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي تن کي

يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ ۙ اُولٰٓئِكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَ لَهُمْ سُوْٓءُ الدَّارِ ﴿۲۵﴾

ڪپي ٿا ڇڏين ۽ ملڪ ۾ شرارتون ۽ فساد ڪندا ٿا رهن سي اهي ماڻهو آهن جي جي لاءِ لعنت آهي ۽ بري رهڻ جي جاءِ آهي. (يعني دوزخ ۾ داخل ٿيندا).

اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَ يَقْدِرُ ۭ وَ فَرِحُوْا بِالْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۭ وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا فِي الْاٰخِرَةِ اِلَّا مَتَاعٌ ﴿۲۶﴾

(٢٦) الله تعاليٰ جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ (جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ) ماپي توري (تورو) رزق ڏئي ٿو. ماڻهو دنيا جي (ٿورن ڏينهن جي) زندگيءَ (۽ ان جي عارضي فائدن) تي شادمانيون ڪن ٿا. حالانڪ دنيا جي زندگي ته آخرت جي زندگيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪجھ به ناهي. فقط ٿورو فائدو وٺڻ آهي.

رڪوع 4

**الله جي ذڪر ۽ فرمانبرداريءَ سان قلب کي قرار اچي ٿو.**

وَ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَوْ لَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيَةٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ۭ قُلْ اِنَّ اللّٰهَ يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْٓ اِلَيْهِ مَنْ اَنَابَ ﴿۲۷﴾

(٢٧) جن ماڻهن ڪفر جي واٽ ورتي آهي سي چون ٿا ته هيئن ڇونه ٿيو جو هن شخص (پيغمبرﷺ) تي سندس پروردگار وٽان (ڪا حيرت ۾ وجهندڙ) نشاني نازل ٿئي ها. (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو ته جنهن کي الله تعاليٰ چاهي ٿو تنهن کي (سندس ئي انڌائيءَ سبب) گمراه ڪري ڇڏي ٿو، پر جيڪو شخص الله ڏي رجوع ٿئي ٿو تنهن کي هو پنهنجي طرف وڃڻ جي راهه ڏيکاري ٿو ڇڏي.

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ تَطْمَئِنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ ۭ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ ﴿۲۸﴾

(٢٨) (جيڪي ماڻهو الله ڏي رجوع ٿيا سي) اهي ماڻهو آهن جن ايمان آندو ۽ سندن دلين کي خدا جي ذڪر سان آرام ۽ قرار اچي ويو ۽ ياد رکو ته الله جو ذڪر ئي آهي جنهن سان دلين کي آرام ۽ قرار ملي ٿو (۽ شڪ شبهي، خوف ۽ غم جا سڀ ڪندا نڪري ٿا وڃن).

اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ طُوْبٰى لَهُمْ وَ حُسْنُ مَاٰبٍ ﴿۲۹﴾

(٢٩) جن ماڻهن ايمان آندو ۽ چڱا عمل ڪيا تن لاءِ نعمتون ۽ خوشحاليون آهن ۽ (آخرت) تمام چڱي رهڻ جي جاءِ آهي.

كَذٰلِكَ اَرْسَلْنٰكَ فِيْٓ اُمَّةٍ قَدْ خَلَتْ مِنْ قَبْلِهَآ اُمَمٌ لِّتَتْلُوَا۟ عَلَيْهِمُ الَّذِيْٓ اَوْحَيْنَآ اِلَيْكَ وَهُمْ يَكْفُرُوْنَ بِالرَّحْمٰنِ ۭ قُلْ هُوَ رَبِّيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عَلَيْهِ تَوَكَّلْتُ وَ اِلَيْهِ مَتَابِ ﴿۳۰﴾

(٣٠) ۽ (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح هيءَ ڳالهه ٿي جو اسان توکي هڪڙي امت ڏانهن (پيغمبر ڪري) موڪليو جنهن امت کان اڳي گهڻيون ئي امتون ٿي گذريون آهن (۽ انهن امتن ۾ سچائيءَ جا پيغمبر پنهنجي پنهنجي زمانن ۾ ظاهر ٿي چڪا آهن) ۽ هن لاءِ (توکي پيغمبر ڪري) موڪليوسين ته جيڪا ڳالهه توتي نازل ڪئي اٿئون سان ماڻهن کي پڙهي ٻڌائين ۽ انهن ماڻهن جو حال هي آهي جو منڍ کان ئي خدائي رحمان جا مڃيندڙ ئي نه آهن. تون (ڪين) چئي ڏي ته اهوئي منهنجو پروردگار آهي. ڪوبه معبود ڪونهي سواءِ هن جي. انهيءَ تي ئي مون ڀروسو ڪيو آهي ۽ سندس ئي طرف رجوع ٿو ٿيان.

وَ لَوْ اَنَّ قُرْاٰنًا سُيِّرَتْ بِهِ الْجِبَالُ اَوْ

(٣١) ۽ (ڏسو) جيڪڏهن ائين ٿي سگهي ها جو ڪنهن قرآن سان جبل

قُطِّعَتْ بِهِ الْأَرْضُ أَوْ كُلِّمَ بِهِ الْمَوْتٰى ۗ بَلْ
لِّلّٰهِ الْأَمْرُ جَمِيعًا ۗ أَفَلَمْ يَايْـَٔسِ الَّذِيْنَ
اٰمَنُوْٓا أَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ لَهَدَى النَّاسَ
جَمِيْعًا ۗ وَلَا يَزَالُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا تُصِيْبُهُمْ
بِمَا صَنَعُوْا قَارِعَةٌ أَوْ تَحُلُّ قَرِيْبًا مِّنْ
دَارِهِمْ حَتّٰى يَأْتِيَ وَعْدُ اللّٰهِ ۗ إِنَّ اللّٰهَ لَا
يُخْلِفُ الْمِيْعَادَ ﴿٣١﴾

هلڻ لڳن ها يا زمين جا وڏا وڏا مفاصلا (هڪ پلڪ ۾) لتاڙي سگهجن ها يا مُردا ڳالهائڻ لڳن ها (ته ضرور هن قرآن سان به ائين ئي ٿئي ها) پر نه (ائين ڪونه ٿو ٿئي ڇو ته) سيني ڳالهين جو اختيار فقط الله کي آهي (۽ سندن سنت ناهي ته ائين ڪري، هو پنهنجو ڪلام وات ڏيکارڻ لاءِ نازل ٿو ڪري. نه عجائبات ڏيکارڻ لاءِ) پوءِ جن ماڻهن ايمان اندو آهي سي (هن ڳالهه کان) نااميد نه ٿيا آهن ڇا (ته نه مڃڻ وارا ڪڏهن به نه مڃيندا؟ هنن هيءَ ڳالهه نه سمجهي آهي ڇا؟ ته) جيڪڏهن الله تعاليٰ چاهي ها ته، سيني ماڻهن کي (هڪ ئي) حق جي راهه ڏيکاري ڇڏي ها (پر هن ائين نه چاهيو. سندس حڪمت جو فيصلو هي ٿيو ته هن دنيا ۾ هر ڪنهن جي ايمان ۽ عمل جي آزمائش ٿئي) ۽ جن ماڻهن ڪفر جي واٽ اختيار ڪئي آهي (اهي ائين مڃڻ وارا ناهن) انهن کي سندن ڪرتوتن جي بدلي ۾ ڪانه ڪا مصيبت پهچندي رهندي، يا هيئن ٿيندو جو سندن رهڻ جي جاين جي نزديڪ اچي نازل ٿيندي تان جو اهو وقت اچي وڃي جڏهن الله جو واعدو ظهور ۾ اچڻ وارو هجي، بيشڪ (سندس واعدو سچو آهي) هو ڪڏهن به واعدي خلافي نٿو ڪري.

## رکوع 5

**حق تي ٺٺوليون ڪندڙن کي آخر تباه ڪيو ويو. ڪافرن جا غلط عقيدا ۽ عمل.**

وَلَقَدِ اسْتُهْزِئَ بِرُسُلٍ مِّنْ قَبْلِكَ فَأَمْلَيْتُ
لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا ثُمَّ أَخَذْتُهُمْ ۖ فَكَيْفَ
كَانَ عِقَابِ ﴿٣٢﴾

(٣٢) ۽ (اي پيغمبر!) توکان اڳي به ائين ئي پئي ٿيو آهي جو پيغمبرن تي ٺٺوليون ۽ مسخريون ڪيون ويون ۽ مون (پنهنجي قانون موجب) پهريائين ڪين ڍر ڏني، پوءِ انهن کي پڪڙ ڪيم. سو ڏسو ته اسان جو ٺهرايل بدلو (جو ڪين ڏنو ويو سو) ڪهڙو هو، (۽ ڪهڙيءَ طرح ظهور ۾ آيو).

أَفَمَنْ هُوَ قَآئِمٌ عَلٰى كُلِّ نَفْسٍۭ بِمَا كَسَبَتْ ۚ
وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ شُرَكَآءَ ۗ قُلْ سَمُّوْهُمْ ۗ أَمْ
تُنَبِّـُٔوْنَهٗ بِمَا لَا يَعْلَمُ فِي الْأَرْضِ أَمْ بِظَاهِرٍ
مِّنَ الْقَوْلِ ۗ بَلْ زُيِّنَ لِلَّذِيْنَ كَفَرُوْا
مَكْرُهُمْ وَصُدُّوْا عَنِ السَّبِيْلِ ۗ وَمَنْ
يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ مِنْ هَادٍ ﴿٣٣﴾

(٣٣) پوءِ جنهن (الله جي علم ۽ قدرت جو هي ڪمال آهي جو) هر جان تي نگاه رکي ٿو ۽ ڏسي ٿو ته ڪن پنهنجي عملن سان ڪهڙي ڪمائي ڪئي (سو الله انهن جهڙو سمجهيو وڃي ٿو ڇا جن کي ڪافرن معبود ڪٽي ٺهرايو آهي؟) ۽ هنن (اهڙين معبودن کي) الله سان شريڪ ٺهرايو آهي. (اي پيغمبر!) انهن (ڪافرن مشرڪن) کان پڇ ته (اهي شريڪ ۽ معبود ڪير آهن؟) انهن جو صفتون ته بيان ڪيو يا وري توهان (مشرڪ) الله کي اهڙي ڳالهه ٻڌائڻ ٿا چاهيو ڇا جا خود ڪيس به معلوم ناهي ته زمين ڪهڙي هنڌ آهي؟ يا خالي ڏيکاءَ جي ڳالهه آهي ڇا (جنهن جي ڪا حقيقت يا اصليت آهي ئي ڪانه؟) اصل حقيقت هي آهي ته منڪرن جي نگاهن ۾ سندن مڪاريون سهڻيون ڏسڻ ۾ آيون اهن ۽ حق جي راه ۾ قدم کڻڻ کان روڪجي ويا آهن ۽ جنهن تي الله تعاليٰ

(ڪاميابيءَ جي) راهه بند ڪري ڇڏي، تنهن لاءِ ڪير آهي جو ڪيس راهه ڏيکارڻ وارو ٿي سگهي؟

لَهُمْ عَذَابٌ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَشَقُّ ۚ وَمَا لَهُمْ مِّنَ اللّٰهِ مِنْ وَّاقٍ ﴿٣٤﴾

(٣٤) انهن جي لاءِ دنيا جي زندگيءَ ۾ بہ عذاب اهي ۽ آخرت ۾ بہ ۽ آخرت جو عذاب يقيناً گهڻو وڌيڪ سخت ٿيندو ۽ ڪو بہ ڪونهي جو هنن کي الله (جي قانون جي پڪڙ) کان بچائي سگهي.

مَثَلُ الْجَنَّةِ الَّتِيْ وُعِدَ الْمُتَّقُوْنَ ۭ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۭ اُكُلُهَا دَاۗىِٕمٌ وَّظِلُّهَا ۭ تِلْكَ عُقْبَى الَّذِيْنَ اتَّقَوْا ڰ وَّعُقْبَى الْكٰفِرِيْنَ النَّارُ ﴿٣٥﴾

(٣٥) متقي (پرهيزگار) انسانن جي لاءِ جنهن جنت جو واعدو ڪيو ويو آهي تنهن جو مثال ائين آهي جيئن هڪ باغ هجي، جنهن جي هيٺان نهرون وهي رهيون هجن (جن جي پاڻيءَ سببان اهي باغ هميشہ سرسبز ۽ شاداب رهن) انهن جا ميوا بہ دائمي آهن (۽ ڪڏهن بہ ختم ٿيڻ وارا ناهن) ۽ انهن جي وڻن جي ڇانو بہ دائمي هوندي اها آهي انهن ماڻهن جي پڇاڙي آهي انهن ماڻهن جي پڇاڙي جن تقويٰ جي راهه اختيار ڪئي، پر ڪافر جي پڇاڙي آهي باهه (جنهن ۾ هو سڙندا رهندا).

وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَفْرَحُوْنَ بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمِنَ الْاَحْزَابِ مَنْ يُّنْكِرُ بَعْضَهٗ ۭ قُلْ اِنَّمَآ اُمِرْتُ اَنْ اَعْبُدَ اللّٰهَ وَلَآ اُشْرِكَ بِهٖ ۭ اِلَيْهِ اَدْعُوْا وَاِلَيْهِ مَاٰبِ ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ (اي پيغمبر!) جن ماڻهن کي اسان ڪتاب ڏنو آهي (يعني يهودي ۽ نصاريٰ) سي هن ڳالهہ تي خوش ٿا ٿين جا توتي نازل ڪئي وئي آهي ۽ انهن جماعتن ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جن ڪي ان (يعني قرآن) جي ڪن ڳالهين ڪان انڪار آهي. سو تون چئي ڏي تہ، مون کي تہ بس اهوئي حڪم ڏنو ويو آهي تہ، الله جي بندگي ڪيان ۽ ڪنهن بہ هستيءَ کي سڱس شريڪ نہ ٺهرايان. انهيءَ ئي (الله) جي طرف اوهان کي سڏيان ٿو ۽ انهيءَ ئي جي طرف منهنجو رخ آهي.

وَكَذٰلِكَ اَنْزَلْنٰهُ حُكْمًا عَرَبِيًّا ۭ وَلَىِٕنِ اتَّبَعْتَ اَهْوَاۗءَهُمْ بَعْدَ مَا جَاۗءَكَ مِنَ الْعِلْمِ ۙ مَا لَكَ مِنَ اللّٰهِ مِنْ وَّلِيٍّ وَّلَا وَاقٍ ﴿٣٧﴾

(٣٧) ۽ اهڙيءَ طرح (هيءَ ڳالهہ ٿي جو) اسان ان (قرآن) کي هڪ عربي فرمان جي شڪل ۾ (يعني عربي زبان ۾) نازل ڪيو. جيڪڏهن (انهيءَ قرآن جي) علم حاصل ڪرڻ بعد بہ تون هنن ماڻهن جي خواهشن جي پيروي ڪندين تہ پوءِ سمجهي ڇڏ تہ الله جي مقابلي ۾ نڪو تنهنجو ڪوئي ڪارساز هوندو، نڪو تو کي ڪو بچائڻ وارو هوندو.

## رڪوع 6

**اڳوڻا رسول بہ انسان هئا ۽ ڪين زالون ۽ اولاد هئا. هر زماني ۾ خدائي ڪتاب نازل ٿيو**

وَلَقَدْ اَرْسَلْنَا رُسُلًا مِّنْ قَبْلِكَ وَجَعَلْنَا لَهُمْ اَزْوَاجًا وَّذُرِّيَّةً ۭ وَمَا كَانَ لِرَسُوْلٍ اَنْ يَّاْتِيَ بِاٰيَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ۭ لِكُلِّ اَجَلٍ كِتَابٌ ﴿٣٨﴾

(٣٨) ۽ هيءَ حقيقت آهي تہ اسان توکان اڳي بہ (گهڻائي) پيغمبر موڪليا ۽ (اهي بہ تو وانگر انسان هئا) اسان ڪين زالون ۽ اولاد ڏنو هو ۽ ڪنهن بہ پيغمبر لاءِ هيءَ ڳالهہ ڪانہ ٿي جو هو (پاڻ) ڪا نشاني (يا معجزو) آڻي ڏيکاري پر تڏهن جڏهن الله جو حڪم ٿيو هجي. هر وقت لاءِ هڪ ڪتاب آهي.

يَمْحُوا اللّٰهُ مَا يَشَاۗءُ وَيُثْبِتُ ښ وَعِنْدَهٗٓ اُمُّ

(٣٩) الله تعاليٰ جيڪا ڳالهہ چاهي ٿو تنهن کي ميساري (يا فنا ڪري) ٿو

الْكِتٰبِ ﴿٣٩﴾

چڏي ۽ جيڪا چاهي ٿو تنهن کي قائم رکي ٿو ۽ ڪتاب جو اصل بنياد وٽس ئي آهي.

وَإِنْ مَّا نُرِيَنَّكَ بَعْضَ الَّذِي نَعِدُهُمْ أَوْ نَتَوَفَّيَنَّكَ فَإِنَّمَا عَلَيْكَ الْبَلٰغُ وَعَلَيْنَا الْحِسَابُ ﴿٤٠﴾

(٤٠) ۽ اسان هنن ماڻهن سان (يعني مڪي جي ڪافرن سان نتيجن جي ظاهر ٿيڻ جا) جيڪي واعدا ڪيا آهن سي ((هرپرو هڪ ئي وقت ظهور ۾ اچڻا ناهن) ممڪن آهي ته انهن مان ڪي ڳالهيون اسان توکي تنهنجي زندگيءَ ۾ ڏيکاريون ۽ ائين به ممڪن آهي ته، ان کان اڳي ئي تنهنجي (زندگيءَ جو) وقت پورو ڪري ڇڏيون. بهرحال جيڪي تنهنجي ذمي آهي سو آهي فقط حق جو پيغام پهچائڻ. هنن کان (سندن ڪمن جو) حساب وٺڻ اسان جو ڪم آهي (نه تنهنجو).

أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّا نَأْتِي الْأَرْضَ نَنْقُصُهَا مِنْ أَطْرَافِهَا ۚ وَاللّٰهُ يَحْكُمُ لَا مُعَقِّبَ لِحُكْمِهِ ۚ وَهُوَ سَرِيعُ الْحِسَابِ ﴿٤١﴾

(٤١) پوءِ ڇا هي ماڻهو ڏسن نٿا ته اسان هن سرزمين (ملڪ عرب) جو قصد ڪري رهيا آهيون؟ ان کي هر طرف گهٽائيندا (۽ مڪي جي ظالمن جي طاقت ٽوڙيندا) ٿا وڃون. (يعني جلد مسلمان سڄو عرب ملڪ فتح ڪري وٺندا). ۽ الله ئي آهي جو (آخر) فيصلو ڪري ٿو. ڪوبه ڪونهي جو سندس فيصلو ٽاري سگهي. هو حساب وٺڻ ۾ بلڪل تکو آهي.

وَقَدْ مَكَرَ الَّذِينَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَلِلّٰهِ الْمَكْرُ جَمِيعًا ۖ يَعْلَمُ مَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ ۗ وَسَيَعْلَمُ الْكُفّٰرُ لِمَنْ عُقْبَى الدَّارِ ﴿٤٢﴾

(٤٢) ۽ جيڪي ماڻهو هنن کان اڳي ٿي گذريا آهن تن به (حق جي دعوت جي مقابلي ۾) مخفي تدبيرون ڪيون هيون. سو ياد رکو ته) هر طرح جون تدبيرون الله جي لاءِ آهن. اهو ڄاڻي ٿو ته هر انسان ڪهڙي ڪمائي ڪري رهيو آهي ۽ اهو وقت پري ناهي جڏهن ڪافرن کي معلوم ٿي ويندو ته ڪنهن جي لاءِ پڇاڙي چڱي آهي.

وَيَقُولُ الَّذِينَ كَفَرُوا لَسْتَ مُرْسَلًا ۚ قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيدًا بَيْنِي وَبَيْنَكُمْ ۙ وَمَنْ عِنْدَهُ عِلْمُ الْكِتٰبِ ﴿٤٣﴾

(٤٣) (اي پيغمبر!) حق جا منڪر چون ٿيا ته تون خدا جو موڪليل نه آهين، تون چئه ته منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ خدا جي شاهدي بلڪل ڪافي آهي ۽ انهن جي شاهدي جن کي ڪتاب جو علم آهي.

## سورت ابراهيم- مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

**وحي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو. هدايت روشني آهي ۽ گمراهي اونداهي آهي.**

الٓرٰ ۚ كِتٰبٌ أَنْزَلْنٰهُ إِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ إِلَى النُّورِ ۙ بِإِذْنِ رَبِّهِمْ إِلٰى صِرٰطِ الْعَزِيزِ الْحَمِيدِ ﴿١﴾

(١) الف- لام- را- هيءُ هڪ ڪتاب آهي جو اسان تو تي نازل ڪيو آهي. انهيءَ لاءِ ته ماڻهن کي سندن پروردگار جي حڪم جي تعميل ۾ اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي، (۽ انهيءَ راهه تي آڻي) جا غالب ۽ ساراهيل خدا جي راهه آهي.

اللّٰهِ الَّذِي لَهُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْأَرْضِ ۗ

(٢) اهو خدا جيڪو مالڪ آهي، انهيءَ سڀ ڪجهه جو جيڪي به آسمانن

وَ وَيْلٌ لِّلْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ شَدِيْدِۙ ﴿٢﴾

۽ زمين ۾ آهي (۽ سڀ سندس حڪمن جي اڳيان جهڪيل آهن) ۽ سخت عذاب جي خرابي آهي انهن منڪرن جي لاءِ.

الَّذِيْنَ يَسْتَحِبُّوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا عَلَى الْاٰخِرَةِ وَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَ يَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ؕ اُولٰٓئِكَ فِيْ ضَلٰلٍۭ بَعِيْدٍ ﴿٣﴾

(٣) جن آخرت کي ڇڏي دنيا جي زندگي پسند ڪئي، جيڪي ماڻهن کي الله جي راهه کان روڪين ٿا ۽ چاهين ٿا ته ان راهه ۾ ڏنگائي ڦڏائي پيدا ڪن، اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي وڏي اونهي گمراهيءَ ۾ وڃي پيا آهن.

وَ مَاۤ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ لِيُبَيِّنَ لَهُمْ ؕ فَيُضِلُّ اللّٰهُ مَنْ يَّشَآءُ وَ يَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٤﴾

(٤) ۽ اسان ڪو به پيغمبر دنيا ۾ نه موڪليو، پر هن طرح جو هو پنهنجي قوم ئي جي زبان ۾ حق جو پيغام پهچائڻ وارو هو، انهيءَ لاءِ ته (سندن ئي بوليءَ ۾ ڳالهه جو) مطلب چٽو ڪري ڏيکاري. پوءِ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو ته (سندس سرڪشيءَ پاڙون) گمراهه ڪري ٿو ۽ جنهن جي لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ (سندن اطاعت پاڙون ڪاميابيءَ جي) راهه کولي ڇڏي ٿو. هو غالب ۽ حڪمت وارو آهي.

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا مُوْسٰى بِاٰيٰتِنَاۤ اَنْ اَخْرِجْ قَوْمَكَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ۬ وَ ذَكِّرْهُمْ بِاَيّٰىمِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿٥﴾

(٥) ۽ (ڏسو هي حقيقت آهي ته) اسان پنهنجي نشانين سان موسيٰ کي موڪليو هو ته پنهنجي قوم کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ۽ پڻ الله جي (فيصلو ڪندڙ) واقعات جو بيان ٻڌائي واعظ ۽ نصيحت ڪري. چو ته بيشڪ هر انسان لاءِ جيڪو صبر ۽ شڪر ڪندڙ هجي، انهيءَ بيان ۾ (عبرت ۽ نصيحت جون) وڏيون نشانيون آهن.

وَ اِذْ قَالَ مُوْسٰى لِقَوْمِهِ اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ اَنْجٰىكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ يَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ وَ يُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ يَسْتَحْيُوْنَ نِسَآءَكُمْ ؕ وَ فِيْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِيْمٌ ﴿٦﴾

(٦) ۽ پوءِ (هيئن ٿيو جو) حضرت موسيٰ پنهنجي قوم کي (واعظ ۽ نصيحت ڪندي) چيو ته الله تعاليٰ جيڪي احسان اوهان تي ڪيا آهن سي نه وساريو. هن اوهان کي فرعون جي خاندان (جي غلاميءَ) کان ڇوٽڪارو ڏنو (۽ اهو سندس ڪيڏو نه وڏو احسان آهي) هو اوهان کي ڪهڙن نه خراب عذابن ۾ وجهندا هئا. توهان جي (نون جاول) پٽن کي قتل ڪري ڇڏيندا هئا (ته توهان جو تعداد نه وڌي) توهان جي ڇوڪرين کي زنده ڇڏيندا هئا (ته ٻانهيون ٿي رهن). ڏسو ته انهيءَ صورت حال ۾ توهان جي پروردگار جي طرف کان اوهان جي لاءِ ڪهڙي نه سخت آزمائش هئي.

رڪوع 3

**الله تعاليٰ بي پرواهه آهي. ماڻهو سندس هدايت تي نه هلن ته فقط سندن ئي نقصان آهي.**

وَ اِذْ تَاَذَّنَ رَبُّكُمْ لَئِنْ شَكَرْتُمْ لَاَزِيْدَنَّكُمْ وَ لَئِنْ كَفَرْتُمْ اِنَّ عَذَابِيْ لَشَدِيْدٌ ﴿٧﴾

(٧) (۽ اوهان اهو وقت وساري ڇڏيو آهي ڇا) جڏهن اوهان جي پروردگار (پنهنجي هن قانون جو) اعلان ڪيو هو ته جيڪڏهن توهان شڪر ڪندؤ ته مان اوهان کي اڃا به زياده نعمتون بخشيندس ۽ جيڪڏهن ناشڪري ڪندؤ ته پوءِ ياد رکو ته منهنجو عذاب به ڏاڍو سخت عذاب آهي.

وَ قَالَ مُوْسٰۤى اِنْ تَكْفُرُوْۤا اَنْتُمْ وَ مَنْ فِي

(٨) ۽ حضرت موسيٰ فرمايو ته جيڪڏهن اوهان ۽ اهي سڀ جيڪي زمين

الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ فَاِنَّ اللّٰهَ لَغَنِيٌّ حَمِيْدٌ (٨)

۾ رهن ٿا بي شڪري ڪن ته (الله کي ان جي ڪهڙي پرواهه آهي؟) الله جي ذات ته بي نياز ۽ ساراهيل آهي، (ليڪن محرومي ۽ تباهي خود اوهان جي لاءِ هوندي).

اَلَمْ يَاْتِكُمْ نَبَؤُا الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ قَوْمِ
نُوْحٍ وَّعَادٍ وَّثَمُوْدَ ۛ۬ وَالَّذِيْنَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ۛ۬
لَا يَعْلَمُهُمْ اِلَّا اللّٰهُ ؕ جَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ
بِالْبَيِّنٰتِ فَرَدُّوْۤا اَيْدِيَهُمْ فِيْۤ اَفْوَاهِهِمْ وَ
قَالُوْۤا اِنَّا كَفَرْنَا بِمَاۤ اُرْسِلْتُمْ بِهٖ وَاِنَّا لَفِيْ
شَكٍّ مِّمَّا تَدْعُوْنَنَاۤ اِلَيْهِ مُرِيْبٍ (٩)

(٩) پوءِ ڇا توهان تائين انهن ماڻهن جي خبر ڪانه پهتي آهي، جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا آهن؟ نوح جي قوم، عاد جي قوم، ثمود جي قوم ۽ اهي قومون جي انهن کان پوءِ آيون ۽ جن جو حال الله ئي کي معلوم آهي. انهن سڀني قومن ڏي انهن جا رسول روشن دليلن سان آيا هئا. پر انهن سندن ڳالهيون موٽائي ڇڏيون (۽ ٻڌڻ کان ئي انڪار ڪيائون) انهن چيو ته جيڪا ڳالهه توهان ڪٺي آيا آهيو تنهن کان اسان کي انڪار آهي ۽ جنهن ڳالهه ڏانهن توهان سڏيو ٿا تنهن تي اسان کي يقين ڪونهي. اسان شڪ ۽ شبهي ۾ پئجي ويا آهيون.

قَالَتْ رُسُلُهُمْ اَفِي اللّٰهِ شَكٌّ فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَ
الْاَرْضِ ؕ يَدْعُوْكُمْ لِيَغْفِرَ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ
وَيُؤَخِّرَكُمْ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ؕ قَالُوْۤا اِنْ
اَنْتُمْ اِلَّا بَشَرٌ مِّثْلُنَا ؕ تُرِيْدُوْنَ اَنْ
تَصُدُّوْنَا عَمَّا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا فَاْتُوْنَا
بِسُلْطٰنٍ مُّبِيْنٍ (١٠)

(١٠) انهن جي رسولن چيو ته، ڇا توهان کي الله جي باري ۾ شڪ آهي؟ اهو الله جو آسمانن ۽ زمين جو بنائيندڙ آهي؟ جو توهان کي سڏي رهيو آهي ته توهان جا گناهه بخشي ڇڏي ۽ هڪ مقرر وقت تائين (زندگي ۽ ڪامرانيءَ جون) مهلتون ڏئي. تنهن تي انهن قومن چيو ته، اوهان سواءِ هن جي ٻيو ڇا آهيو ته، اسان وانگر انسان آهيو. اوهان چاهيو ٿا ته جن معبودن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا آيا آهن، تن جي پوڄا ڪرڻ کان اسان کي روڪي ڇڏيو. چڱو (جيڪڏهن ائين آهي ته) ڪو چٽو دليل پيش ڪيو.

قَالَتْ لَهُمْ رُسُلُهُمْ اِنْ نَّحْنُ اِلَّا بَشَرٌ
مِّثْلُكُمْ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَمُنُّ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ مِنْ
عِبَادِهٖ ؕ وَمَا كَانَ لَنَاۤ اَنْ نَّاْتِيَكُمْ بِسُلْطٰنٍ اِلَّا
بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ (١١)

(١١) انهن جي رسولن جواب ۾ چيو ته، هائو اسان هن کان سواءِ ڪجهه به نه آهيون ته توهان وانگر انسان آهيون، پر الله جنهن ٻانهي کي چاهي ٿو تنهن کي پنهنجي فضل ۽ احسان لاءِ (يعني وحي پهچائڻ لاءِ) چونڊي ٿو ۽ هيءَ ڳالهه اسان جي اختيار ۾ ناهي ته توهان کي ڪا سند ڪٺي اچي ڏيکاريون، سواءِ هن جي جو الله جو حڪم ٿئي ۽ الله ئي آهي جنهن تي ايمان رکندڙن جو ڀروسو آهي.

وَمَا لَنَاۤ اَلَّا نَتَوَكَّلَ عَلَى اللّٰهِ وَقَدْ هَدٰىنَا
سُبُلَنَا ؕ وَلَنَصْبِرَنَّ عَلٰى مَاۤ اٰذَيْتُمُوْنَا ؕ وَعَلَى
اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُتَوَكِّلُوْنَ (١٢) ع

(١٢) ۽ اسان کي ڪهڙو سبب آهي جو اسان الله تعاليٰ تي ڀروسو نه رکون؟ حالانڪ انهيءَ ئي (زندگي جي) راهن ۾ اسان جي رهنمائي ڪئي آهي. اسان انهن ايذائن ۽ تڪليفن تي صبر ڪنداسين جي توهان ڏيئي رهيا آهيو، فقط الله ئي آهي جنهن تي ڀروسو ڪندڙن کي ڀروسو رکڻ گهرجي.

رڪوع 3

**سگهارن ماڻهن کي گهرجي ته مسڪينن لاءِ هدايت جو مثال ٿين ۽ مسڪينن کي به انهن جي انڌي تقليد ڪرڻ نه گهرجي ۽ فقط حق جا حڪم مڃڻ گهرجن.**

وَقَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِرُسُلِهِمْ لَنُخْرِجَنَّكُمْ

(١٣) ۽ منڪرن پنهنجي رسولن کي چيو ته، اسان توهان کي ضرور

مِّنْ اَرْضِنَآ اَوْ لَتَعُوْدُنَّ فِيْ مِلَّتِنَا ؕ فَاَوْحٰٓى اِلَيْهِمْ رَبُّهُمْ لَنُهْلِكَنَّ الظّٰلِمِيْنَ ﴿۱۳﴾

پنهنجي ملڪ مان نيڪالي ڏيئي ڇڏينداسين، يا ته توهان اسان جي مذهب تي موٽي اچو. (تنهن تي) اسان رسولن ڏي وحي موڪليو ته هاڻي ضرور اسان هنن ظالمن کي تباهه ڪري ڇڏينداسين.

وَ لَنُسْكِنَنَّكُمُ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَافَ مَقَامِيْ وَخَافَ وَعِيْدِ ﴿۱۴﴾

(١٤) ۽ انهن ماڻهن کان پوءِ توهان کي اسان هن سرزمين ۾ (سندن جاءِ تي) رهائينداسين. اهو آهي نتيجو انهيءَ ماڻهو جي لاءِ جيڪو اسان جي (حڪومت ۽ عدالت جي) جاءِ کان ڊپ ۾ رهيو ۽ پڻ (بدعملن جي بدلي ۾ سزا جو جيڪو اعلان ڪيل آهي تنهن) واعدي ۽ اعلان جي خوف ۾ رهيو (۽ خدا جي حڪمن جي پيروي ڪندو رهيو).

وَاسْتَفْتَحُوْا وَخَابَ كُلُّ جَبَّارٍ عَنِيْدٍ ﴿۱۵﴾

(١٥) (مطلب ته پيغمبرن) فتحمنديءَ جي دعا گهري، (۽ فتحياب ٿيا) ۽ هرهڪ سرڪش ضدي (جنهن حق جو مقابلي ڪيو هو) نامراد ۽ ناڪامياب رهيو.

مِّنْ وَّرَآئِهٖ جَهَنَّمُ وَيُسْقٰى مِنْ مَّآءٍ صَدِيْدٍ ﴿۱۶﴾

(١٦) ان کان پوءِ دوزخ آهي (يعني دنيا جي نامراديءَ بعد آخرت جو عذاب پيش اچڻ وارو آهي). اتي رت ۽ پونءِ جو پاڻي کين پياريو ويندو.

يَّتَجَرَّعُهٗ وَلَا يَكَادُ يُسِيْغُهٗ وَيَاْتِيْهِ الْمَوْتُ مِنْ كُلِّ مَكَانٍ وَّمَا هُوَ بِمَيِّتٍ ؕ وَمِنْ وَّرَآئِهٖ عَذَابٌ غَلِيْظٌ ﴿۱۷﴾

(١٧) هو هڪ ڪ هڪ ڪري وات ۾ وجهند، پر نڙيءَ کان هيٺ نه لاهي سگهندو، هر طرف کان هن ڏي موت ايندو، پر هو مرندو ڪين ۽ هن جي پٺيان هڪ سخت عذاب لڳل آهي.

مَثَلُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِرَبِّهِمْ اَعْمَالُهُمْ كَرَمَادِ ِۨاشْتَدَّتْ بِهِ الرِّيْحُ فِيْ يَوْمٍ عَاصِفٍ ؕ لَا يَقْدِرُوْنَ مِمَّا كَسَبُوْا عَلٰى شَيْءٍ ؕ ذٰلِكَ هُوَ الضَّلٰلُ الْبَعِيْدُ ﴿۱۸﴾

(١٨) جن ماڻهن پنهنجي پروردگار (جي فرمانبرداريءَ) کان انڪاري ڪيو تن جي عملن جي مثال اهڙو آهي جهڙو رک يا ڪِر جو ڍير. جنهن کي آنديءَ جي ڏينهن هوا اڏائي ڪٽي وجي. جيڪي به هنن (پنهنجي عملن سان) ڪمايو آهي تنهن مان ڪجهه به هنن جي هٿ نه ايندو. اهائي گمراهيءَ جي حالت آهي جا وڏي اونهي گمراهي آهي.

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ؕ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ﴿۱۹﴾

(١٩) ڇا توهان ڏسو نٿا ته الله تعاليٰ آسمانن ۽ زمين کي حق ۽ مصلحت سان بنايو آهي (نه اجايو ۽ بيسود؟) جيڪڏهن هو چاهي ته توهان سيني کي ڪٽي وجي (۽ تباهه ڪري ڇڏي) ۽ (اوهان جي جاءِ تي) ڪا نئين خلق آڻي ظاهر ڪري.

وَّمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ﴿۲۰﴾

(٢٠) ائين ڪرڻ الله تعاليٰ جي لاءِ ڪجهه به ڏکيو يا مشڪل ڪم ناهي.

وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ جَمِيْعًا فَقَالَ الضُّعَفٰٓؤُا لِلَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا كُنَّا لَكُمْ تَبَعًا فَهَلْ اَنْتُمْ مُّغْنُوْنَ عَنَّا مِنْ عَذَابِ اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ ؕ قَالُوْا لَوْ هَدٰىنَا اللّٰهُ لَهَدَيْنٰكُمْ ؕ سَوَآءٌ

(٢١) ۽ (ڏسو، قيامت جي ڏينهن) سڀ ماڻهو گڏ ٿي الله جي روبرو حاضر ٿيندا. پوءِ هيٺا ماڻهو (جي دنيا ۾ مسڪين ۽ ضعيف هئا) سرڪش (سردارن ۽ حاڪمن کي) چوندا ته اسان (دنيا ۾) توهان جي پٺيان هلڻ وارا هئاسين (۽ توهان جي حڪمن ۽ عملن جي پيروي ڪئي سين) پوءِ ڇا توهان اڄ ائين ڪري سگهو ٿا جو الله جي عذاب کان ڪجهه بچاءُ ڪيو؟

عَلَيْنَآ اَجَزِعْنَآ اَمْ صَبَرْنَا مَا لَنَا مِنْ مَّحِيْصٍ ﴿٢١﴾

اهي چوندا ته، جيڪڏهن الله اسان جي لاءِ بچاءَ جي ڪا راهه ڪولي ها ته اسان به توهان کي راهه ڏيکاريون ها. (اسان ته پاڻ ئي عذاب ۾ گرفتار آهيون). صبر ڪيون توڙي روئون ۽ پٽيون اسان لاءِ هڪ ئي ڳالهه آهي، اسان لاءِ اڄ ڪنهن به طرح ڇوٽڪارو ڪونهي.

رڪوع 4

**شيطان قيامت جي ڏينهن پنهنجي پيروي ڪندڙن کي چوندو ته، اهو توهان جي قصور آهي، جو توهان خدا کي ڇڏي منهنجي پيروي ڪئي.**

وَقَالَ الشَّيْطٰنُ لَمَّا قُضِيَ الْاَمْرُ اِنَّ اللّٰهَ وَعَدَكُمْ وَعْدَ الْحَقِّ وَوَعَدْتُّكُمْ فَاَخْلَفْتُكُمْ ؕ وَمَا كَانَ لِيَ عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ اِلَّآ اَنْ دَعَوْتُكُمْ فَاسْتَجَبْتُمْ لِيْ ۚ فَلَا تَلُوْمُوْنِيْ وَلُوْمُوْٓا اَنْفُسَكُمْ ؕ مَآ اَنَا بِمُصْرِخِكُمْ وَمَآ اَنْتُمْ بِمُصْرِخِيَّ ؕ اِنِّيْ كَفَرْتُ بِمَآ اَشْرَكْتُمُوْنِ مِنْ قَبْلُ ؕ اِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ (قيامت جي ڏينهن) جڏهن فيصلو ٿي ويندو تڏهن شيطان چوندو ته، بيشڪ الله تعاليٰ توهان سان واعدو ڪيو هو ۽ سچو واعدو ڪيو هو. (اهو واعدو هاڻي پورو ٿي چڪو) ۽ مون بہ اوهان تي ڪنهن به قسم جو زور ڪونہ ڪيو هو (جو توهان کي مجبوراً منهنجي پيروي ڪرڻي پوي ها). جيڪي ٿيو سو فقط هي هو ته مون توهان کي سڏيو ۽ توهان منهنجو سڏ قبول ڪيو (۽ مون تي ملامت نہ ڪيو، پر خود پاڻ کي ڏوهه ڏيو ۽ ملامت ڪيو. اڄ جي ڏينهن نڪي مان توهان جو فرياد ٻڌي ٿو سگهان نڪي توهان منهنجو فرياد ٻڌي ٿا سگهو. توهان جو اڳي (دنيا ۾) مون کي الله جو شريڪ ٺهرايو هو (جو منهنجي حڪمن جي فرمانبرداري ڪندا هئو) سو مان ان کان بيزاري ظاهر ٿو ڪيان. بيشڪ ظلم ڪرڻ وارن جي لاءِ وڏو دردناڪ عذاب آهي.

وَاُدْخِلَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ؕ تَحِيَّتُهُمْ فِيْهَا سَلٰمٌ ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ جن ماڻهن ايمان آندو هو ۽ نيڪ عمل ڪيا هئا سي (دائمي نعمتن جي) باغن ۾ داخل ٿيندا، جن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن. هو پنهنجي پرورگار جي حڪم سان هميشہ انهن ۾ رهندا. اتي انهن جي لاءِ (هر طرف کان) هيءَ دعا ۽ ڪيڪار هوندي ته اوهان تي سلامتي هجي.

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا كَلِمَةً طَيِّبَةً كَشَجَرَةٍ طَيِّبَةٍ اَصْلُهَا ثَابِتٌ وَّفَرْعُهَا فِي السَّمَآءِ ﴿٢٤﴾

(٢٤) ڇا توهان هن ڳالهه تي غور ڪونہ ڪيو آهي ته الله تعاليٰ ڪهڙيءَ طرح مثال پيش ڪيا آهن؟ هڪ چڱي ڳالهه جو مثال ائين آهي جيئن هڪ چڱو وڻ. ان جون پاڙون مضبوط آهن ۽ ٽاريون آسمان ۾ پکڙيل آهن.

تُؤْتِيْٓ اُكُلَهَا كُلَّ حِيْنٍ بِاِذْنِ رَبِّهَا ؕ وَيَضْرِبُ اللّٰهُ الْاَمْثَالَ لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) (اهو وڻ) پنهنجي پروردگار جي حڪم سان هر وقت ميوا پيدا ڪندو رهي ٿو. الله تعاليٰ ماڻهن جي لاءِ مثال بيان ڪري ٿو، انهيءَ لاءِ ته هو سوچين ۽ سمجهن.

وَمَثَلُ كَلِمَةٍ خَبِيْثَةٍ كَشَجَرَةٍ خَبِيْثَةِ اِۨجْتُثَّتْ مِنْ فَوْقِ الْاَرْضِ مَا لَهَا مِنْ قَرَارٍ ﴿٢٦﴾

(٢٦) ۽ نڪمي بيڪار ڳالهه جو مثال ائين آهي جيئن نڪمو وڻ. زمين جي مٿان (توهر وانگي) سندس پاڙون ڪوڪليون آهن. (جڏهن وٽيو تڏهن اکيڙي پٽي ڇڏيوس) ۽ ان کي ڪا جمت يا مضبوطي ڪانهي.

يُثَبِّتُ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْقَوْلِ الثَّابِتِ فِي
الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَفِي الْاٰخِرَةِ ۚ وَيُضِلُّ اللّٰهُ
الظّٰلِمِيْنَ ۙ وَيَفْعَلُ اللّٰهُ مَا يَشَآءُ ۲۷

(٢٧) (اهڙيءَ طرح) الله تعاليٰ ايمان وارن کي جمت ۽ مضبوطيءَ واري ڳالھ جي وسيلي جمت ۽ مضبوطي ڏئي ٿو. دنيا جي زندگيءَ توڙي آخرت جي زندگيءَ ۾ ۽ نافرمانن جي لاءِ (جمت ۽ مضبوطيءَ جي) راهه گم ڪري ٿو ۽ هو جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو (يعني سندس حڪمت جو قانون ۽ فيصلو اهو آهي تہ ائين ڪري).

رڪوع 5

**الله تعاليٰ جي نعمتن جو قدر نہ ڪندڙ جهنم ۾ داخل ٿيندا**

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ بَدَّلُوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ كُفْرًا وَّ
اَحَلُّوْا قَوْمَهُمْ دَارَ الْبَوَارِ ۲۸

(٢٨) (اي پيغمبر!) تو انهن ماڻهن جي حالت تي نظر نہ ڪئي آهي ڇا جن کي الله تعاليٰ نعمت عطا ڪئي هئي، پر هنن بي شڪري ڪري ان کي بدلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي قوم کي برباديءَ جي گهر ۾ وڃي لاٿو؟

جَهَنَّمَ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۭ وَبِئْسَ الْقَرَارُ ۲۹

(٢٩) يعني دوزخ ۾ وڃي لاٿو (پوءِ جنهن جي رهڻ جي جاءِ دوزخ ٿي سا) ڪهڙي نہ خراب جاءِ آهي.

وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ اَنْدَادًا لِّيُضِلُّوْا عَنْ سَبِيْلِهٖ ۭ قُلْ
تَمَتَّعُوْا فَاِنَّ مَصِيْرَكُمْ اِلَى النَّارِ ۳۰

(٣٠) ۽ هنن الله جي لاءِ سندس هم درجي وارا (شريڪ) بنايا، انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن کي خدا جي راهه کان گمراهه ڪري ڇڏين. (اي پيغمبر!) تون کين چئو تہ چڱو (زندگيءَ جا ٿورا ڏينهن) فائدا ماڻي وٺو، پوءِ آخر اوهان جي واٽ دوزخ جي باهه جي طرف ئي آهي.

قُلْ لِّعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ
يُنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ سِرًّا وَّعَلَانِيَةً مِّنْ
قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا بَيْعٌ فِيْهِ وَلَا خِلٰلٌ ۳۱

(٣١) (اي پيغمبر!) منهجي ٻندن مان جن ايمان آندو آهي تن کي هيءُ پيغام پهچائي ڏي تہ انهيءَ کان اڳي و اهو (خوفناڪ) ڏينهن اچي ظاهر ٿئي جنهن ڏينهن (ڇوٽڪاري لاءِ) نڪي ڪنهن قسم جو ڏيڻ وٺڻ ڪم ايندو، نڪي ڪنهن بہ طرح جي دوستي ڪم ايندي (پنهنجي لاءِ ڇوٽڪاري جو سامان ڪري وٺن يعني) نماز قائم ڪن ۽ اسان جي ڏنل ورزيءَ مان ظاهر توڙي ڳجهيءَ طرح (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪندا رهن.

اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَاَنْزَلَ
مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا
لَّكُمْ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْفُلْكَ لِتَجْرِيَ فِي
الْبَحْرِ بِاَمْرِهٖ ۚ وَسَخَّرَ لَكُمُ الْاَنْهٰرَ ۳۲

(٣٢) اُهو الله ئي آهي جنهن آسمان کي ۽ زمين کي پيدا ڪيو ۽ زمين تي مٿان پاڻي وسايو، جنهن جي ڪري طرحين طرحين ڦل ۽ ميوا پيدا ٿين ٿا جي توهان جي لاءِ غذا جو سامان آهن ۽ توهان جي لاءِ جهاز مسخر ڪيائين جي سندس حڪم سان (يعني سندس ٺهرايل قانونن موجب) سمنڊ ۾ هلن ٿا. پڻ درياهہ بہ اوهان جي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيائين (يعني اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ فرمان هيٺ رکيائين).

وَسَخَّرَ لَكُمُ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ دَآئِبَيْنِ ۚ وَ
سَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ۳۳

(٣٣) (اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ) سج ۽ چنڊ کي بہ مسخر ڪري ڇڏيو آهي، جو هڪ خاص دستور سان برابر چڪر لڳائي رهيا آهن ۽ رات ۽ ڏينهن جو ظهور بہ مسخر آهي.

وَاٰتٰىكُمْ مِّنْ كُلِّ مَا سَاَلْتُمُوْهُ ۭ وَاِنْ تَعُدُّوْا نِعْمَتَ اللّٰهِ لَا تُحْصُوْهَا ۭ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَظَلُوْمٌ كَفَّارٌ ۝٣٤

(٣٤) (مطلب تہ توهان کي پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن ۽ ڪامرانين لاءِ) جيڪي بہ (سامان) گهربل هو سو سڀ هن عطا ڪري ڇڏيو آهي. جيڪڏهن توهان الله جون نعمتون ڳڻڻ چاهيو تہ (اهي ايتريون تہ آهن جو) ڪڏهن بہ انهن جو شمار ڪري نہ سگهندؤ. حقيقت هيءَ آهي تہ انسان وڏو بي انصاف ۽ بي شڪر آهي.

## رڪوع 6

**حضرت ابراهيم جي دعا مڪي جي آباديءَ لاءِ ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ اولاد لاءِ.**

وَاِذْ قَالَ اِبْرٰهِيْمُ رَبِّ اجْعَلْ هٰذَا الْبَلَدَ اٰمِنًا وَّاجْنُبْنِيْ وَبَنِيَّ اَنْ نَّعْبُدَ الْاَصْنَامَ ۝٣٥

(٣٥) ۽ (اهو واقعو ياد رکو جو) حضرت ابراهيم دعا گهري هئي تہ اهي منهنجا پروردگار! هن (مڪي جي) شهر کي امن امان جي جاءِ بڻائجانءِ ۽ مون کي ۽ منهنجي اولاد ۽ نسل کي هن ڳالهہ کان بچائجانءِ جو بتن جي پوڄا ڪرڻ کي لڳي وڃن.

رَبِّ اِنَّهُنَّ اَضْلَلْنَ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ ۚ فَمَنْ تَبِعَنِيْ فَاِنَّهٗ مِنِّيْ ۚ وَمَنْ عَصَانِيْ فَاِنَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٣٦

(٣٦) اي منهنجا پروردگار! انهن بتن گهڻن ئي ماڻهن کي حق جي راهہ کان هٽائي ڇڏيو آهي. پوءِ جيڪو منهنجي پيروي ڪندو (۽ بت پرستيءَ جي گمراهيءَ ۾ نہ پوندو) سو منهنجو هوندو، پر جيڪو منهنجي طريقي کان نافرماني ڪندو (تنهن سان منهنجو ڪوبہ تعلق ڪونهي ۽) بيشڪ تون ئي بخشيندڙ ۽ رحمت ڪندڙ آهين.

رَبَّنَآ اِنِّيْٓ اَسْكَنْتُ مِنْ ذُرِّيَّتِيْ بِوَادٍ غَيْرِ ذِيْ زَرْعٍ عِنْدَ بَيْتِكَ الْمُحَرَّمِ ۙ رَبَّنَا لِيُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ فَاجْعَلْ اَفْىِٕدَةً مِّنَ النَّاسِ تَهْوِيْٓ اِلَيْهِمْ وَارْزُقْهُمْ مِّنَ الثَّمَرٰتِ لَعَلَّهُمْ يَشْكُرُوْنَ ۝٣٧

(٣٧) اي اسان سڀني جا پروردگار! (تون ڏسي رهيو آهين تہ) هڪ اهڙي ميدان ۾ جتي کيتيءَ جو نالو نشان بہ ڪونهي مون پنهنجي اولاد مان ڪن کي تنهنجي محترم گهر (ڪعبت الله) وٽ اچي رهايو آهي ۽ اي منهنجا رب! هن لاءِ ڪين هتي رهايو اٿم تہ نماز قائم رکن (تہ هي پاڪ گهر توحيد جي پرستارن کان خالي نہ رهي) پوءِ تون (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) ائين ڪر جو ماڻهن جون دليون انهن (يعني منهنجي نسل) جي طرف مائل ٿي وڃن ۽ انهن جي لاءِ زمين جي پيداوار مان رزق جو سامان مهيا ڪري ڇڏ تہ (بنا پاڻي ۽ گاهہ واري ريگستان ۾ رهندي بہ زندگيءَ جي ضرورتن کان محروم نہ هجن ۽) تنهنجي شڪرگذاري ڪندا رهن.

رَبَّنَآ اِنَّكَ تَعْلَمُ مَا نُخْفِيْ وَمَا نُعْلِنُ ۭ وَمَا يَخْفٰى عَلَى اللّٰهِ مِنْ شَيْءٍ فِي الْاَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاۗءِ ۝٣٨

(٣٨) اي اسان جا پروردگار! اسان جيڪي بہ لڪايون ٿا سو بہ تون ڄاڻين ٿو ۽ جيڪي بہ ظاهر ڪيون ٿا سو بہ تون ڄاڻين ٿو. آسمان ۽ زمين جي ڪابہ شيءِ ڪانهي جا الله کان لڪل هجي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ وَهَبَ لِيْ عَلَي الْكِبَرِ اِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ ۭ اِنَّ رَبِّيْ لَسَمِيْعُ الدُّعَاۗءِ ۝٣٩

(٣٩) ۽ (حضرت ابراهيم چيو تہ) سڀ ساراهہ الله جي لاءِ آهي، جنهن ٻڍاپڻ جي حالت ۾ بہ مون کي اسماعيل ۽ اسحاق (ٻہ پٽ) عطا فرمايا. بيشڪ منهنجي پروردگار (پنهنجي ٻانهن جون) دعائون ٻڌي ۽ قبول ڪري ٿو.

رَبِّ اجْعَلْنِيْ مُقِيْمَ الصَّلٰوةِ وَمِنْ ذُرِّيَّتِيْ ڰ

(٤٠) اي منهنجا پروردگار! مون کي توفيق ڏي تہ مان نماز قائم رکان ۽

رَبَّنَا وَتَقَبَّلْ دُعَآءِ ۝٤٠

منهنجي نسل کي به ائين ڪرڻ جي توفيق ملي. اي پروردگار منهنجي هيءَ دعا شال تنهنجو حضور ۾ قبول پوي.

رَبَّنَا اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ يَوْمَ يَقُوْمُ الْحِسَابُ ۝٤١

(٤١) اي اسان جا پروردگار! جنهن ڏينهن عملن جو حساب ورتو ويندو تنهن ڏينهن مون کي، منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ انهن سڀني کي جيڪي ايمان آڻين (پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان) بخشي ڇڏجانءِ (۽ حساب جي سختيءَ ۾ نه وجهجانءِ).

## رڪوع 7

### اهو خيال ڪڍي ڇڏيو ته ظالمن کي خدا ڇڏي ڏيندو.

وَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ غَافِلًا عَمَّا يَعْمَلُ الظّٰلِمُوْنَ ۬ اِنَّمَا يُؤَخِّرُهُمْ لِيَوْمٍ تَشْخَصُ فِيْهِ الْاَبْصَارُ ۝٤٢

(٤٢) ۽ (اي پيغمبر!) اهو خيال نه ڪجانءِ ته الله هنن ظالمن جي ڪمن کان غافل آهي (يعني مڪي جي رئيسن جي ڪمن کان) دراصل الله تعاليٰ هنن جو معاملو انهيءَ ڏينهن لاءِ پوئتي رکي ڇڏيو آهي، جنهن ڏينهن (بدعملن جي نتيجن جون تباهيون ظهور ۾ اينديون. انهيءَ ڏينهن انهن ماڻهن جو حال اهڙو ٿيندو جو خوف ۽ حيرت کان) سندن اکيون ڦاٽي پونديون.

مُهْطِعِيْنَ مُقْنِعِيْ رُءُوْسِهِمْ لَا يَرْتَدُّ اِلَيْهِمْ طَرْفُهُمْ ۚ وَاَفْـِٕدَتُهُمْ هَوَآءٌ ۝٤٣

(٤٣) حيران پريشان هوندا، نظرون مٿي هونديون ۽ ان حالت ۾ ڊوڙندا رهندا، سندن نگاهون موٽڻ واريون نه هونديون ۽ دليون (خوف ۽ حيرانگيءَ ۾) هر خيال کان خالي رهجي وينديون.

وَاَنْذِرِ النَّاسَ يَوْمَ يَاْتِيْهِمُ الْعَذَابُ فَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْا رَبَّنَآ اَخِّرْنَآ اِلٰٓى اَجَلٍ قَرِيْبٍ ۙ نُّجِبْ دَعْوَتَكَ وَنَتَّبِعِ الرُّسُلَ ؕ اَوَلَمْ تَكُوْنُوْٓا اَقْسَمْتُمْ مِّنْ قَبْلُ مَا لَكُمْ مِّنْ زَوَالٍ ۝٤٤

(٤٤) ۽ (اي پيغمبر!) ماڻهن کي انهيءَ ڏينهن جي اچڻ بابت خبردار ڪري ڇڏ، جنهن ڏينهن عذاب اچي ڪڙڪندو. انهيءَ ڏينهن ظالم چوندا ته اي پروردگار ٿوري وقت لاءِ اسان کي مهلت ڏي. (اسان هاڻي هرگز انڪار ۽ سرڪشي نه ڪنداسين ۽) تنهنجي پڪار جو جواب ڏينداسين ۽ پيغمبرن جي پيروي ڪنداسين. (پر ڪين جواب ملندو ته) ڇا توهان اهي ئي نه آهيو جو هن کان اڳي قسم کڻي کڻي چوندا هئو ته اسان تي ڪنهن به طرح جو زوال نه ايندو.

وَّسَكَنْتُمْ فِيْ مَسٰكِنِ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَتَبَيَّنَ لَكُمْ كَيْفَ فَعَلْنَا بِهِمْ وَضَرَبْنَا لَكُمُ الْاَمْثَالَ ۝٤٥

(٤٥) ۽ توهان انهن ماڻهن (اڳين تباهه ٿيل قومن) جي بستين ۾ آباد ٿيا هئو، جن پنهنجي جانين تي ظلم ڪيو هو ۽ توهان کي چڱيءَ طرح معلوم ٿيو هو ته اسان هنن سان ڇا ڇا ڪيو (اسان ڪين تباهه ڪري ڇڏيو ته به توهان عبرت نه ورتي) توهان کي (سمجهائڻ لاءِ) طرحين طرحين مثال به اسان بيان ڪري ڇڏيا (پوءِ به توهان سرڪشيءَ کان باز نه آيؤ).

وَقَدْ مَكَرُوْا مَكْرَهُمْ وَعِنْدَ اللّٰهِ مَكْرُهُمْ ؕ وَاِنْ كَانَ مَكْرُهُمْ لِتَزُوْلَ مِنْهُ الْجِبَالُ ۝٤٦

(٤٦) انهن ماڻهن پنهنجون سڀ تدبيرون ڪري ڇڏيون هيون، ۽ اگرچه هنن جون تدبيرون اهڙيون هيون جو جبلن کي به پنهنجي جاءِ تان لوڏي هٽائي ڇڏين ته به الله وٽ هنن جي سڀني تدبيرن جو جواب هو. ( يعني

الله تعاليٰ هنن جي تدبيرن کي ناڪامياب ڪري ڇڏيو ۽ هو عذاب کي روڪي نہ سگهيا).

فَلَا تَحْسَبَنَّ اللّٰهَ مُخْلِفَ وَعْدِهٖ رُسُلَهٗ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ ذُو انْتِقَامٍ ﴿۴۷﴾

(٤٧) پوءِ اهڙو خيال نہ ڪيو تہ الله پنهنجي رسولن سان جيڪو واعدو ڪري چڪو آهي، تنهن جي خلاف ڪندو (نہ نہ هو ضرور حق کي فتح ڏيندو ۽ ظالمن کي تباهہ ڪندو) يقين ڪيو تہ الله (سڀني تي) غالب آهي ۽ (بدعملن جي) سزا ڏيندڙ آهي.

يَوْمَ تُبَدَّلُ الْاَرْضُ غَيْرَ الْاَرْضِ وَالسَّمٰوٰتُ وَبَرَزُوْا لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿۴۸﴾

(٤٨) انهيءَ ڏينهن هيءَ زمين بدلجي هڪ ٻي زمين ٿي پوندي ۽ آسمان بہ بدلجي ويندا ۽ سڀ ماڻهو هڪ غالب خدا جي حضور ۾ حاضر ٿيندا.

وَتَرَى الْمُجْرِمِيْنَ يَوْمَئِذٍ مُّقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ ﴿۴۹﴾

(٤٩) ۽ تون انهيءَ ڏينهن گنهگارن کي ڏسندين تہ زنجيرن ۾ جڪڙيل هوندا.

سَرَابِيْلُهُمْ مِّنْ قَطِرَانٍ وَّتَغْشٰى وُجُوْهَهُمُ النَّارُ ﴿۵۰﴾

(٥٠) هنن جون قميصون گندڪ جون هونديون. (جنهن جي گسڻ سان باهہ ٻرندي آهي) ۽ چهرا باہ جي ڇپين سان ڍڪجي ويندا.

لِيَجْزِيَ اللّٰهُ كُلَّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَرِيْعُ الْحِسَابِ ﴿۵۱﴾

(٥١) ائين هن لاءِ ٿيندو تہ الله تعاليٰ هر انسان کي سندس ڪمائيءَ جي مطابق بدلو ڏئي. بيشڪ الله حساب وٺڻ ۾ بلڪل تيز آهي.

هٰذَا بَلٰغٌ لِّلنَّاسِ وَلِيُنْذَرُوْا بِهٖ وَلِيَعْلَمُوْۤا اَنَّمَا هُوَ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ وَّلِيَذَّكَّرَ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿۵۲﴾

(٥٢) هي انسانن جي لاءِ هڪ پيغام آهي، جو هن لاءِ موڪليو ويو آهي تہ ماڻهن کي خبردار ڪيو وڃي ۽ هو معلوم ڪن تہ سندن معبود (جنهن جي ٻانهپ ڪجي سو) هڪ ئي معبود آهي ۽ پڻ هن لاءِ سمجهہ وارا ماڻهو ان مان نصيحت وٺن (۽ گناهہ ڇڏي چڱا عمل ڪن).

**سورة الحجر** (معني۔ حجر۔ پٿر يا ڪوهستان (ديار ثمود جو نالو) ۔ مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**جيڪي شرير ضد ڪان انڪار ڪري رهيا آهن سي ڪنهن ڏينهن چوندا تہ ايمان آڻيون ها تہ ڏاڍو چڱو ٿئي ها**

الٓرٰ ۫ تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ وَقُرْاٰنٍ مُّبِيْنٍ ﴿۱﴾

(١) الف- لام- ر- هي الڪتاب جون آيتون آهن ۽ قرآن جون آيتون آهن. جي (پنهنجي سڀني ڳالهين ۾) چٽيون ۽ روشن آهن.